وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿۳۱﴾

(۳۱) ۽ توهان مان (يعني حضرت جن جي حرمن مان) جيڪي به دل و جان سان الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندي ۽ نيڪ عمل ڪندي تنهن کي اسان (ٻين کان) ٻيڻو اجر ڏينداسين ۽ اسان هن لاءِ شاندار رزق (يعني هر طرح جون نعمتون ۽ خوشيون) تيار رکيون آهن.

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿۳۲﴾

(۳۲) اي نبيءَ جون زالون! اوهان ٻين عورتن وانگر نه آهيو (اوهان جي پوزيشن بلڪل ٻي آهي) جيڪڏهن توهان خدا جو خوف ٿيون رکو ۽ پرهيزگار ٿيڻ ٿيون چاهيو ته (مردن سان) اهڙي نرم (۽ دل ڇڪيندڙ) نموني سان نه ڳالهايو جو جنهن (مرد) جي دل ۾ (بي حيائيءَ جو) مرض هجي سو (پلجي بڇڙائيءَ جو) حرص ڪري، ۽ اهڙا لفظ ڳالهايو جي مناسب ۽ انصاف وارا ڄاتا وڃن ٿا.

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾

(۳۳) ۽ توهان پنهنجن گهرن ۾ (امن امان ۽ پاڪائيءَ سان) رهو. اڳيئين جاهليت جي زماني (جي عورتن) وانگر (ماڻهن کي) هار سينگار ڏيکارينديون نه وتو. (۽ نه گهمو ڦرو) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪنديون رهو. اي اهل بيت (يعني حضرت جن جي گهر جا ڀاتيو انهن هدايتن ڏيڻ جو مقصد هي آهي جو) الله تعاليٰ فقط هي ٿو چاهي ته ناپاڪائيءَ کي اوهان کان دور رکي ۽ اوهان کي هر طرح بلڪل پاڪ ڪري ڇڏي.

وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَالْحِكْمَةِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ﴿۳۴﴾

(۳۴) ۽ (اي حضرت جن جون زالون) اوهان کي جيڪي الله جون آيتون ۽ حڪم ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون اوهان جي گهرن ۾ ٻڌايون وڃن ٿيون سي پڙهو (ياد رکو ۽ ٻين کي به ٻڌايو) يقيناً الله تعاليٰ بلڪل باريڪ نڪتا به سمجهندڙ آهي ۽ هر چيز جي خبر رکندڙ آهي (تنهن ڪري سندس آيتن کي سمجهي انهن تي عمل ڪيو).

## رکوع 5

### مومنن ۽ مومناڻين جون خصلتون ۽ انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت جون نعمتون

اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمٰتِ وَالْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰبِرٰتِ وَالْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِيْنَ وَالْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّاۗىِٕمِيْنَ وَالصّٰۗىِٕمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾

(۳۵) بيشڪ الله تعاليٰ مسلم مردن ۽ مسلم عورتن لاءِ، مؤمن ۽ مؤمنياڻين لاءِ، فرمانبردار مردن ۽ فرمانبردار عورتن لاءِ، سچن مرد ۽ سچين عورتن لاءِ، صبر ڪندڙ مردن ۽ صبر ڪندڙ عورتن لاءِ، نماڻن مردن ۽ نماڻين عورتن لاءِ صدقا ڏيندڙ مردن ۽ صدقا ڏيندڙ عورتن لاءِ، روزا رکندڙ (۽ پرهيزگار) مردن ۽ روزا رکندڙ (۽ پرهيزگار) عورتن لاءِ پاڪدامن مردن ۽ پاڪدامن عورتن لاءِ ۽ الله کي گهڻي ياد ڪندڙ مردن ۽ عورتن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي.

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ ڪنهن به مومن ۽ مؤمنياڻي لاءِ جائز ناهي ته جڏهن الله ۽ سندس رسول ڪنهن به ڳالهه بابت ڪو حڪم صادر ڪن تڏهن هو پنهنجي انهيءَ معاملي ۾ پنهنجي راءِ تي هلن (۽ پنهنجي پسندي ۽ اختيار موجب عمل ڪن) ۽ جيڪو به الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ٿو ڪري سو ظاهرظهور سڌي واٽ ڇڏي پلجي گمراهه ٿي ويو آهي.

وَاِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْٓ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ وَاتَّقِ اللّٰهَ وَ تُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ وَ تَخْشَى النَّاسَ ۚ وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰىهُ ؕ فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ فِيْٓ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآئِهِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا ؕ وَ كَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿٣٧﴾

(٣٧) ۽ (اي پيغمبر!) ڏس ته تو انهيءَ (زيد بن حارث) ڪي چيو جنهن تي الله به احسان ڪيو آهي ۽ تو به احسان ڪيو آهي ته، (اي زيد) پنهنجي زال ڪي پاڻ وٽ رک (طلاق نه ڏينس) ۽ الله کان ڊڄ ۽ تو پنهنجي دل ۾ انهيءَ ڳالهه ڪي لڪايو پئي جا الله تعاليٰ ظاهر ڪرڻ وارو هو ۽ تون ماڻهن (جي چوڀولن) کان ڊنين پئي، حالانڪ الله ئي هن ڳالهه جو حقدار آهي ته تون ڪانئس ڊڄين (نه ماڻهن جي اجاين طعنن ڪان). پوءِ جڏهن زيد باقاعدي (زال ڪي) طلاق ڏيئي چڪو (۽ عدت گذري ويئي) تڏهن اسان انهيءَ (زال) ڪي تنهنجي نڪاح ۾ آندو، انهيءَ لاءِ ته مؤمنن ڪي پنهنجي گود جي پٽن جي زالن سان نڪاح ڪرڻ ۾ تڪليف يا رنڊڪ نه رهي. جڏهن هو انهن ڪي باقاعدي طلاق ڏيئي ڇڏي ڏين ۽ الله جو حڪم ضرور عمل هيٺ آڻڻو آهي.

مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيْمَا فَرَضَ اللّٰهُ لَهٗ ؕ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ؕ وَ كَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا مَّقْدُوْرَا ﴿٣٨﴾

(٣٨) نبي سڳوري لاءِ انهيءَ ڳالهه ۾ ڪا مشڪلات يا رنڊڪ ڪانهي جنهن متعلق الله تعاليٰ هن جي لاءِ حڪم ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي ماڻهو اڳي ٿي گذريا آهن. (خصوصاً اهل ڪتاب) تن ۾ به اهائي الله جي سنت جاري هئي ۽ (ياد رکو ته) الله جو حڪم اهڙي فتويٰ آهي جا مناسب قدر ۽ انداز تي بيهاريل آهي.

اِلَّذِيْنَ يُبَلِّغُوْنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَ يَخْشَوْنَهٗ وَلَا يَخْشَوْنَ اَحَدًا اِلَّا اللّٰهَ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿٣٩﴾

(٣٩) (سڀ پيغمبر الله جا حڪم بجا آڻين ٿا) اهي پيغمبر الله جا پيغام (ماڻهن کي) پهچائين ٿا ۽ الله کان ئي ڊڄن ٿا ۽ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان به نٿا ڊڄن ۽ الله ئي حساب وٺڻ ۾ ڪافي آهي.

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾

(٤٠) حضرت محمد(ﷺ) اوهان جي مردن مان ڪنهن جو به پيءُ ناهي. پر هو الله جو (موڪليل) رسول آهي ۽ نبين جي مهر آهي (يعني ڪانئس پوءِ ڪو به نبي اچڻو ڪونهي) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ هرهڪ شيءِ ۽ ڳالهه جو ڄاڻندڙ آهي.

## رڪوع 6

### مومنن تي الله جي رحمت، طلاق متعلق نيڪ هدايت

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿٤١﴾

(٤١) اي مؤمنؤ! (هر وقت) خدا ڪي ياد ڪندا رهو ۽ گهڻو ياد ڪند رهو (دنيائي ڪاروبار ۾ سندس حڪم ياد رکو ۽ انهن تي عمل ڪيو).

وَّسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿٤٢﴾

(٤٢) ۽ صبح شام سندس پاڪائي ۽ شان بيان ڪند رهو (يعني هر وقت سندس صفتون ياد رکو ۽ انهن صفتن کي پاڻ ۾ پيدا ڪري انهن موجب عمل ڪيو).

هُوَ الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَ مَلٰٓئِكَتُهٗ لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَ كَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا ﴿٤٣﴾

(٤٣) اهو ئي (الله) آهي جو اوهان (مؤمنن تي رحمتون تو موڪلي ۽ سندس فرشتا بہ دعائون ٿا گهرن تہ اوهان تي رحمتون ٿين. انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ اوهان کي (جهل ۽ برائيءَ جي) اوندهہ مان ڪڍي (علم ۽ نيڪيءَ جي) روشنيءَ ۾ آڻي. الله تعاليٰ مؤمنن جي لاءِ ڏاڍو رحم وارو آهي.

تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚۖ وَ اَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿٤٤﴾

(٤٤) جنهن ڏينهن مؤمن الله تعاليٰ سان ملندا تنهن ڏينهن انهيءَ سلام سان ڪين ڪيڪاريو ويندو تہ ”السلام عليڪم“ يعني اوهان تي سلامتي هجي، ۽ انهن جي لاءِ وڏو ۽ عمدو اجر تيار ڪري رکيو اٿس.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿٤٥﴾

(٤٥) اي نبي (سڳورا) اسان توکي شاهد، خوشخبري ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي.

وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ اسان توکي پنهنجي حڪم موجب (ماڻهن کي) الله (جي فرمانبرداري ۽ فضل) ڏانهن سڏيندڙ ڪري موڪيو آهي ۽ روشني پکيڙيندڙ شمعدان ڪري موڪليو آهي.

وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا ﴿٤٧﴾

(٤٧) ۽ (اي پيغمبر!) ايمان وارن کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ تہ هنن تي الله تعاليٰ وٽان وڏو فضل اچڻو آهي.

وَ لَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ دَعْ اَذٰىهُمْ وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڪافرن ۽ منافقن جي (بيجا خواهشن ۽ چوڻ تي) نہ لڳ، ۽ اهي جيڪي تڪليفون توکي ڏين ٿا تن جو خيال ئي نہ ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ الله ئي ڪافي ڪارساز آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَكَحْتُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ فَمَا لَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ تَعْتَدُّوْنَهَا ۚ فَمَتِّعُوْهُنَّ وَ سَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٤٩﴾

(٤٩) اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان مؤمنياڻين سان نڪاح ڪيو ۽ وري ساڻن همبستريءَ ٿيڻ کان اڳ ئي طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ پوءِ انهن عورتن جي لاءِ عدت ڪاڻ آهي جا توهان کي شمار ڪرڻي پوي. (يعني اهي عورتون هڪدم ڪنهن ٻئي مؤمن سان نڪاح ڪري سگهن ٿيون. توهان کي جا ڪرڻو آهي) جو هنن کي ڪجهہ مال متاع ڏيو ۽ هنن کي سهڻي نموني ۾ آزاد ڪري ڇڏي ۽ موڪل ڏيئي ڇڏيو (تہ جڏهن وڻين تڏهن ٻيو نڪاح ڪن).

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَحْلَلْنَا لَكَ اَزْوَاجَكَ الّٰتِيْۤ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ وَ مَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ مِمَّاۤ

(٥٠) اي نبي (سڳورا) اسان تنهنجي لاءِ اهي زالون حلال ڪيون آهن جن کي تو مهر ڏيئي ڇڏيو آهي، ۽ اهي بہ توکي حلال آهن جي قيد ٿي آيل ٻانهيون هيون جيڪي الله تعاليٰ توکي (غنيمت طور) ڏياريون (۽ تو ڪين

اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَیۡكَ وَ بَنٰتِ عَمِّكَ وَ بَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَ
بَنٰتِ خَالِكَ وَ بَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِیۡ هَاجَرۡنَ
مَعَكَ ۫ وَ امۡرَاَةً مُّؤۡمِنَةً اِنۡ وَّهَبَتۡ نَفۡسَهَا
لِلنَّبِیِّ اِنۡ اَرَادَ النَّبِیُّ اَنۡ یَّسۡتَنۡكِحَهَا ٭
خَالِصَةً لَّكَ مِنۡ دُوۡنِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ؕ قَدۡ عَلِمۡنَا
مَا فَرَضۡنَا عَلَیۡهِمۡ فِیۡۤ اَزۡوَاجِهِمۡ وَ مَا مَلَكَتۡ
اَیۡمَانُهُمۡ لِكَیۡلَا یَكُوۡنَ عَلَیۡكَ حَرَجٌ ؕ وَ
كَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِیۡمًا ﴿۵۰﴾

آزاد ڪري ساڻن نڪاح ڪيو) ۽ تنهنجون سوٽيون، پڦاٽيون، ماروٽيون ۽ ماساتيون جيڪي توسان گڏ هجرت ڪري آيون آهن سي بہ توکي حلال آهن ۽ اها مؤمنياڻي بہ تنهنجي لاءِ حلال آهي جا پاڻ کي پاڻ (خوشيءَ سان) نبي (سڳوري) جي حوالي ڪري ڇڏي جيڪڏهن نبي (سڳورو) ساڻس نڪاح ڪرڻ چاهي. اها (اجازت) خالص تنهنجي لاءِ آهي، نہ ٻين مؤمنن لاءِ. اسان ڄاڻون ٿا تہ ٻين مؤمنن لاءِ سندن زالن متعلق ۽ قيد ٿي آيل ٻانهين متعلق اسان ڪهڙا حڪم ڏنا آهن. (اي پيغمبر توکي جو خاص اجازت ڏني ويئي آهي سا) هن ڪري تہ توکي ڪا تڪليف (فرض ادائين ڪرڻ ۾) پيش نہ اچي ۽ (ياد رک تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

تُرۡجِیۡ مَنۡ تَشَآءُ مِنۡهُنَّ وَ تُـٔۡوِیۡۤ اِلَیۡكَ مَنۡ
تَشَآءُ ؕ وَ مَنِ ابۡتَغَیۡتَ مِمَّنۡ عَزَلۡتَ فَلَا
جُنَاحَ عَلَیۡكَ ؕ ذٰلِكَ اَدۡنٰۤی اَنۡ تَقَرَّ اَعۡیُنُهُنَّ وَ
لَا یَحۡزَنَّ وَ یَرۡضَیۡنَ بِمَاۤ اٰتَیۡتَهُنَّ كُلُّهُنَّ ؕ وَ
اللّٰهُ یَعۡلَمُ مَا فِیۡ قُلُوۡبِكُمۡ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ
عَلِیۡمًا حَلِیۡمًا ﴿۵۱﴾

(۵۱) (اي پيغمبر! پنهنجي) انهن گهروارين مان جنهن متعلق تون چاهين تنهن جو وارو ٽاري ڇڏ ۽ جنهن کي چاهين تنهن کي (انهيءَ جي بدران) پاڻ وٽ رهاءِ ۽ توتي ڪا بہ ميار نہ رهندي، جيڪڏهن تون انهيءَ کي جنهن جو وارو ٽاري ڇڏيو هو ۽ تنهن کي پاڻ وٽ رهڻ جي طلب ڪرين. ممڪن آهي تہ ائين ڪرڻ سان سندن اکيون ٺرنديون (يعني ڪين خوشي ٿيندي) ۽ ڏک نہ ٿيندن، ۽ جيڪي بہ تون هنن کي ڏيندين تنهن تي هو سڀ راضي رهنديون ۽ جيڪي بہ اوهان جي دلين ۾ آهي سو الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (۽ ان سان گڏ) بردبار بہ آهي. (يعني ننڍيون ننڍيون خطائون بخشي ٿو ڇڏي، بشرطيڪ اسان جي دل ۾ نيت چڱي آهي.)

لَا یَحِلُّ لَكَ النِّسَآءُ مِنۡۢ بَعۡدُ وَ لَاۤ اَنۡ تَبَدَّلَ
بِهِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجٍ وَّ لَوۡ اَعۡجَبَكَ حُسۡنُهُنَّ اِلَّا
مَا مَلَكَتۡ یَمِیۡنُكَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰی كُلِّ
شَیۡءٍ رَّقِیۡبًا ﴿۵۲﴾

(۵۲) (اي پيغمبر!) هن کان پوءِ تنهنجي لاءِ ڪا بہ عورت (نڪاح لاءِ) حلال ناهي نڪي توکي جائز آهي تہ انهن جي بدران (يعني انهن کي طلاق ڏيئي) ٻين سان نڪاح ڪرين اگرچہ انهن ٻين جو حسن ۽ خوبيون توکي بهتر ڏسڻ ۾ اچن. پر جيڪڏهن ڪا ٻانهي تنهنجي حصي ۾ اچي تہ پوءِ اها تنهنجي لاءِ جائز ٿي سگهندي ۽ الله تعاليٰ هر چيز تي نگهبان آهي.

رکوع 7

**حضرت جن ۽ سندن حرمن جي عزت**

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَدۡخُلُوۡا بُیُوۡتَ النَّبِیِّ
اِلَّاۤ اَنۡ یُّؤۡذَنَ لَكُمۡ اِلٰی طَعَامٍ غَیۡرَ نٰظِرِیۡنَ
اِنٰىهُ ۙ وَ لٰكِنۡ اِذَا دُعِیۡتُمۡ فَادۡخُلُوۡا فَاِذَا
طَعِمۡتُمۡ فَانۡتَشِرُوۡا وَ لَا مُسۡتَاۡنِسِیۡنَ

(۵۳) اي مومنؤ! توهان نبي سڳوري جي گهرن ۾ تيستائين نہ گهڙو جيستائين اوهان کي (موڪل گهرڻ بعد) موڪل ڏني وڃي (اگرچہ اوهان کي ماني جي دعوت ڏنل هجي) ائين نہ ٿئي جو اڳ ئي اچي ماني تيار ٿيڻ تائين ترسي ويهي رهو، پر جڏهن توهان کي (اندر اچڻ لاءِ) سڏيو وڃي تڏهن ڀلي اندر وڃو، پوءِ جڏهن ماني کائي رهو تڏهن اٿي هليا وڃو ۽

لِحَدِيْثٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِى النَّبِىَّ
فَيَسْتَحْىٖ مِنْكُمْ ۫ وَاللّٰهُ لَا يَسْتَحْىٖ مِنَ الْحَقِّ ؕ
وَاِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ مَتَاعًا فَسْـَٔلُوْهُنَّ مِنْ وَّرَآءِ
حِجَابٍ ؕ ذٰلِكُمْ اَطْهَرُ لِقُلُوْبِكُمْ وَقُلُوْبِهِنَّ ؕ
وَمَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَلَاۤ اَنْ
تَنْكِحُوْۤا اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖۤ اَبَدًا ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ
كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمًا ﴿٥٣﴾

ڳالهين ٻولهين جي مزيداريءَ لاءِ ويهي نہ رهو. اها ڳالهہ نبي سڳوري کي تڪليف ٿي ڏئي پر هو حياءَ کان نٿو ڪري ۽ (اي مؤمنو) جڏهن بہ توهان حرمن مبارڪن کان ڪا شيءِ گهرو تڏهن پردي جي پٺيان ٻيهي گهرو. ائين ڪرڻ سان اوهان جون دليون ۽ هنن جون دليون (خراب خيالن اچڻ کان) پاڪ رهنديون ۽ اوهان جي لاءِ مناسب ناهي تہ توهان الله جي رسول کي (ڪنهن بہ قسم جي) تڪليف ڏيو. نڪي مناسب آهي تہ توهان ڪانئيس پوءِ سندس زالن سان ڪڏهن بہ نڪاح ڪيو. بيشڪ اها ڳالهہ الله تعاليٰ جي نظر ۾ وڏي خراب آهي.

اِنْ تُبْدُوْا شَيْـًٔا اَوْ تُخْفُوْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ
بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمًا ﴿٥٤﴾

(٥٤) (اي مؤمنو حضرت جن ۽ سندس حرمن ڪي عزت ڏيڻ جي باري ۾) جيڪڏهن توهان ڪجهہ ظاهر ڪيو يا (دلين ۾) لڪايو تہ بہ يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ هرهڪ شيءِ (۽) هرهڪ ڳالهہ جو علم رکي ٿو (ڪانئس ڪا ننڍڙي ڳالهہ بہ ڳجهي نٿي رهي).

لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِىْۤ اٰبَآئِهِنَّ وَلَاۤ اَبْنَآئِهِنَّ وَ
لَاۤ اِخْوَانِهِنَّ وَلَاۤ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَلَاۤ اَبْنَآءِ
اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا مَا مَلَكَتْ
اَيْمَانُهُنَّ ۚ وَاتَّقِيْنَ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى
كُلِّ شَىْءٍ شَهِيْدًا ﴿٥٥﴾

(٥٥) انهن (حضرت جن جي حرمن مبارڪن) تي ڪو ڏوهہ ڪونهي جيڪڏهن هو پنهنجي پيئرن، پٽن، ڀائرن، ڀائٽين، ڀاڻيجن، پنهنجي (يعني مؤمن) عورتن ۽ پنهنجي ٻانهن ۽ ٻانهين سان (بنا پردي جي ڳالهائين.) (اي امهات المومنين) الله تعاليٰ کان ڊڄنديون رهو (توهان تي وڏيون جوابداريون آهن، توهان کي خاص طرح ٻين عورتن کان وڌيڪ پرهيزگار رهڻو آهي ۽ ٻين لاءِ مثال ٿيڻو آهي) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي (۽ اوهان جي پرهيزگاري ۽ پاڪائي جي ڪري اوهان کي ٻيڻو اجر ڏيندو).

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِىِّ ؕ
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا
تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾

(٥٦) يقيناً الله تعاليٰ ۽ سندس فرشتا نبي سڳوري تي رحمتون موڪلين ٿا. سو اي مومنؤ! توهان بہ مٿس درود ۽ سلام موڪليو (۽ وڏي عزت سان ڪيس سلام ڪيو ۽ دل جي چاهہ سان دعا گهرو تہ الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري ۽ ڪيس سلامت رکي).

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ
فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا
مُّهِيْنًا ﴿٥٧﴾

(٥٧) بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول کي ناراض ڪن ٿا تن تي الله تعاليٰ هن دنيا توڙي آخرت ۾ لعنت وجهي ڇڏي آهي، (يعني دنيا ۽ آخرت جي رحمتن ۽ نعمتن کان محروم رکيو آهي) ۽ هنن جي لاءِ خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ
بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّ
اِثْمًا مُّبِيْنًا ۧ ﴿٥٨﴾

(٥٨) ۽ جيڪي ماڻهو مؤمنن ڪي ۽ مؤمنياڻين کي بنا سندن (گناهہ يا ڏوهہ) ڪرڻ جي (ناحق) ايذاءُ پهچائين ٿا ۽ تڪليفون ڏين ٿا سي وڏي بهتان ۽ چٽي پٽي گناهہ جو بار پنهنجي سر تي کڻن ٿا.

رکوع 8

**مومن زالن لاءِ هدايت، منافقن، لوفرن ۽ باغي ماڻهن کي چتاءُ.**

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَ بَنٰتِكَ وَ نِسَآءِ
الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ
ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَنْ يُّعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ وَ كَانَ
اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۵۹﴾

(٥٩) اي نبي پنهنجي زالن، ڌيئرن ۽ مؤمنن جي عورتن کي چئو ته (ٻاهر نڪرڻ وقت) پنهنجي چادرن سان ٻُڪر هڻن. اهڙيءَ طرح ڪنديون ته هو آسانيءَ سان سڃاتيون وينديون. (ته ڪي شريف مؤمنياڻيون آهن، پوءِ هنن سان ڪا ڇيڙڇاڙ ڪانه ڪئي ويندي) ۽ ڪين ڪا تڪليف نه ڏني ويندي ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الَّذِيْنَ فِيْ
قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّ الْمُرْجِفُوْنَ فِي الْمَدِيْنَةِ
لَنُغْرِيَنَّكَ بِهِمْ ثُمَّ لَا يُجَاوِرُوْنَكَ فِيْهَاۤ اِلَّا
قَلِيْلًا ﴿۶۰﴾

(٦٠) جيڪڏهن منافق (پنهنجي لچائين کان) ۽ (اهي لوفر بدمعاش) جن جي دلين ۾ روڳ آهي (سي پنهنجي فاحش طريقن کان) ۽ (اهي باغي فسادي ماڻهو) جيڪي مديني ۾ ڪوڙا افواهه اٿارين ٿا (سي پنهنجي بغاوت کان) باز نه ايندا ته اسان توکي هنن جي خلاف اڀاريندا سين جو پوءِ هو شهر ۾ تنهنجي ويجهو ڪونه رهندا پر ڪو ٿورو وقت.

مَّلْعُوْنِيْنَ ۛۚ اَيْنَمَا ثُقِفُوْۤا اُخِذُوْا وَ قُتِّلُوْا
تَقْتِيْلًا ﴿۶۱﴾

(٦١) انهن تي لعنت هوندي ۽ جتي به هو ڏٺا ويندا اتي گرفتار ڪيا ويندا ۽ قتل ڪيا ويندا.

سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ وَ لَنْ
تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿۶۲﴾

(٦٢) جيڪي ماڻهو اڳي ٿي گذريا تن ۾ به الله تعاليٰ جو اهوئي قانون هو (ته اهڙن ماڻهن تي آخرڪار حق وارن جو تسلط ٿيو) توهان الله تعاليٰ جي قانون ۾ ڪابه ڦيرقار نه ڏسندؤ.

يَسْـَٔلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَةِ ؕ قُلْ اِنَّمَا
عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ مَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ
السَّاعَةَ تَكُوْنُ قَرِيْبًا ﴿۶۳﴾

(٦٣) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان قيامت جي گهڙيءَ بابت پڇن ٿا (ته ڪڏهن ايندي؟) تون ڪين چئو ته، ان جي علم فقط الله کي آهي ۽ ڪهڙي ڳالهه توکي سمجهائيندي ته شايد قيامت جي گهڙي ويجهي آهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَعَنَ الْكٰفِرِيْنَ وَ اَعَدَّ لَهُمْ سَعِيْرًا ﴿۶۴﴾

(٦٤) (هي منڪر قيامت کي ڪونه ٿا مڃين، بيباڪ ٿي بدعمل ڪندا ٿا رهن سو) يقين آهي ته الله تعاليٰ ڪافرن تي لعنت ڪئي آهي ۽ هنن جي لاءِ سخت ٻڙي ڪندڙ باهه تيار ڪري رکي آهي.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ۚ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّ لَا
نَصِيْرًا ﴿۶۵﴾

(٦٥) (اهي) هميشه ان (باهه) ۾ رهندا. ۽ انهن کي ڪوبه بچائڻ وارو ۽ مددگار ڪونه لڀندو.

يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ فِي النَّارِ يَقُوْلُوْنَ
يٰلَيْتَنَاۤ اَطَعْنَا اللّٰهَ وَ اَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ﴿۶۶﴾

(٦٦) انهيءَ ڏينهن هنن جا منهن باهه ۾ اونڌا ڪيا ويندا. هو چوندا ته افسوس اسان جي حال تي. اسان الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪيون ها، ۽ رسول جي به فرمانبرداري ڪيون ها (ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها).

وَ قَالُوْا رَبَّنَاۤ اِنَّاۤ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَ كُبَرَآءَنَا
فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا ﴿۶۷﴾

(٦٧) ۽ هو ائين به چوندا ته اي اسان جا پروردگار! اسان سچ پچ پنهنجي سردارن ۽ وڏيرن جي چوڻ تي لڳاسين سو هنن اسان کي (سڌي) واٽ کان ڀڙڪائي گمراهه ڪري ڇڏيو.

رَبَّنَآ اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَ الْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا ﴿٦٨﴾

(٦٨) (سو) اي اسان جا پروردگار انهن (وڏيرن) کي ٻيڻو عذاب ڏي، ۽ اهڙي لعنت موڪل جا تمام وڏي ۽ سخت لعنت هجي.

### رکوع 9

**الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. انسان امانت جو بار پاڻ کنيو آهي.**

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا ؕ وَ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهًا ﴿٦٩﴾

(٦٩) اي مومنؤ! انهن (يهودين) وانگر نہ ٿيو جن حضرت موسيٰ کي تڪليفون ڏنيون (يعني نافرمانيون بہ ڪيون ۽ اجايون تهمتون بہ رکيون) پوءِ جيڪي جيڪي انهن (يهودين حضرت موسيٰ جي خلاف) چيو هو تن (تهمتن) کان الله تعاليٰ هن کي بي ميار ثابت ڪيو ۽ هو الله جي نظر ۾ وڏي شان وارو هو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿٧٠﴾

(٧٠) اي مؤمنو! خدا کان ڊڄو ۽ جيڪا ڳالهہ چئو سا سڌي سنئين ۽ پختي هجي (۽ حق ڏي وٺي ويندڙ هجي ۽ سچي).

يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧١﴾

(٧١) (ائين ڪندؤ تہ) هو اوهان جا عمل اوهان جي لاءِ سنواريندو ۽ درست ڪندو ۽ اوهان جون (اڳوڻيون) خطائون معاف ڪري ڇڏيندو. ۽ (هيءَ حقيقت آهي تہ) جيڪو الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪري ٿو تنهن عظيم الشان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ الْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَ اَشْفَقْنَ مِنْهَا وَ حَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا ﴿٧٢﴾

(٧٢) اسان آسمانن، زمين ۽ جبلن کي (اسان جي) امانت کڻڻ جي آڇ ڪئي، پر هنن انهيءَ امانت جي بار کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان بار کڻڻ کان ڊڄي ويا (تہ متان امانت جي پورائي نہ ڪري سگهون ۽ خدا جي عذاب هيٺ اچون) پر انسان اهو امانت جو بار پنهنجي سر تي کنيو. هو بيشڪ بي انصاف ۽ جاهل آهي.

لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ وَ الْمُشْرِكٰتِ وَ يَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٣﴾

(٧٣) نتيجو هيءَ ٿيو جو (ڪي ماڻهو منافق ۽ مشرڪ ٿي پيا سو) الله تعاليٰ منافقن مردن ۽ عورتن کي ۽ مشرڪن مردن ۽ عورتن کي عذاب ڏيندو ۽ الله تعاليٰ مؤمنن ۽ مؤمنياڻين ڏي (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪندو ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

## سورة سبا — مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان اسان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

### رکوع 1

**هر عمل جو نتيجو ضرور ظاهر ٿيڻو آهي.**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ وَ لَهُ الْحَمْدُ فِي الْاٰخِرَةِ ؕ وَ هُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١﴾

(١) سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي جنهن جي قبضي ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ آخرت ۾ بہ حمد ۽ ثنا انهيءَ ئي جي لاءِ آهي ۽ هو وڏي حڪمت وارو ۽ سڀ خبر رکندڙ آهي.

يَعۡلَمُ مَا يَلِجُ فِي الۡاَرۡضِ وَمَا يَخۡرُجُ مِنۡهَا وَمَا يَنۡزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعۡرُجُ فِيۡهَا ؕ وَهُوَ الرَّحِيۡمُ الۡغَفُوۡرُ ﴿۲﴾

(٢) جيڪي جيڪي زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪي جيڪي ان مان نڪري ٿو ۽ جيڪي آسمان مان نازل ٿئي ٿو ۽ جيڪي ان ڏانهن چڙهي وڃي ٿو سو سڀ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، ۽ هو ڏاڍو رحم وارو ۽ بخشهار آهي.

وَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَا تَاۡتِيۡنَا السَّاعَةُ ؕ قُلۡ بَلٰى وَرَبِّيۡ لَتَاۡتِيَنَّكُمۡ ۙ عٰلِمِ الۡغَيۡبِ ۚ لَا يَعۡزُبُ عَنۡهُ مِثۡقَالُ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الۡاَرۡضِ وَلَاۤ اَصۡغَرُ مِنۡ ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكۡبَرُ اِلَّا فِيۡ كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ۙ ﴿۳﴾

(٣) جن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي آهي سي چون ٿا تہ (عذاب ۽ شڪست جي) گهڙي اسان جي مٿان ڪانہ ايندي. (اي پيغمبر!) تون ڪين _زوردار لفظمن ۾) ٻڌائي ڇڏ تہ قسم آهي منهنجي پروردگار جو تہ اها گهڙي ضرور ايندي (قسم آهي انهيءَ پروردگار جو جيڪو) غيب جو علم رکندڙ آهي. هن کان ڪاٻہ چيز ڳجهي ناهي اگرچہ ڪو ذرڙو آسمانن ۾ يا زمين ۾ (لڪل) هجي ۽ ان کان بہ ننڍو هجي يا وڏو هجي تہ اهو ذرڙو بہ (الله جي) چٽي چٽي ڪتاب ۾ (چٽي طرح لکيل) آهي.

لِّيَجۡزِيَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّرِزۡقٌ كَرِيۡمٌ ﴿۴﴾

(٤) (هرهڪ ڳالهہ ۽ عمل خدا جي ڪتاب ۾ لکيل آهي) انهيءَ لاءِ تہ جيڪي ماڻهو (حقيقتن تي) ايمان آڻين ٿا ۽ (انهن موجب) صالح عمل ڪن، تن کي الله تعاليٰ نيڪ بدلو (۽ نعمتون) ڏئي. اهي ئي آهن جن جي لاءِ (خدا وٽان) بخشش آهي ۽ شاندار رزق آهي.

وَالَّذِيۡنَ سَعَوۡ فِيۡۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيۡنَ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ مِّنۡ رِّجۡزٍ اَلِيۡمٌ ﴿۵﴾

(٥) پر اهي ماڻهو جيڪي اسان جي نشانين ۽ حڪمن جي مخالفت ڪري اسان کي عاجز ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا (سي هرگز اسان جي ارادن کي روڪي نہ سگهندا. اٽلندو پاڻ تباهہ ٿيندا) اهي ئي آهن جن جي لاءِ سخت دردناڪ ۽ خوار خراب ڪندڙ سزا جو عذاب اچڻو آهي.

وَيَرَى الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ الَّذِيۡۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ هُوَ الۡحَقَّ ۙ وَيَهۡدِيۡۤ اِلٰى صِرَاطِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَمِيۡدِ ﴿۶﴾

(٦) ۽ جن ماڻهن کي علم ڏنو ويو آهي سو چٽائيءَ سان ڏسن ٿا تہ جيڪي تنهنجي پروردگار وٽان نازل ٿيو آهي (يعني قرآن) سوئي حق آهي ۽ (يقين سان ڄاڻن ٿا تہ) هو (قرآن) انهيءَ خدا جي (سڌي) واٽ ڏيکاري ٿو جو وڏي غلبي ۽ قدرت وارو آهي ۽ سيني اعليٰ صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي.

وَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا هَلۡ نَدُلُّكُمۡ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمۡ اِذَا مُزِّقۡتُمۡ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ اِنَّكُمۡ لَفِيۡ خَلۡقٍ جَدِيۡدٍ ۚ ﴿۷﴾

(٧) جن ڪفر جو طريقو اختيار ڪيو آهي سي (ٽوڪ وانگر هڪ ٻئي کي يا هڪٻئي کي) چون ٿا تہ، اسان توهان کي اهڙو ماڻهو ڏيکاريون جيڪو چوي ٿو تہ، جڏهن توهان (مرڻ بعد) ڳري سڙي ذرڙا ذرڙا ٿي ويندؤ تڏهن توهان کي وري نئين سر پيدا ڪري اٿاريو ويندو؟

اَفۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَمۡ بِهٖ جِنَّةٌ ؕ بَلِ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ فِي الۡعَذَابِ وَالضَّلٰلِ الۡبَعِيۡدِ ﴿۸﴾

(٨) (اهي ڪافر هيئن بہ چون ٿا تہ، انهيءَ ماڻهو يعني حضرت محمد ﷺ) خدا تي ڪوڙو ناهہ ٺاهيو آهي يا جنن جو اثر پيو اٿس؟ (۽ چريائي ۾ اهڙيون ڳالهيون پيو ڪري؟) هرگز نہ! حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪي ماڻهو

آخرت ۾ ايمان نٿا رکن (۽ نٿا سمجهن تہ بدعملن جو نتيجو ضرور بد ٿي نڪرندو) سي ئي ماڻهو عذاب ۾ گرفتار آهن ۽ وڏي سخت گمراهيءَ ۾ (غلط واٽ تي) دور نڪري ويا آهن.

أَفَلَمْ يَرَوْا إِلَىٰ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُم مِّنَ السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ ۚ إِن نَّشَأْ نَخْسِفْ بِهِمُ الْأَرْضَ أَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ كِسَفًا مِّنَ السَّمَاءِ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً لِّكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيبٍ ﴿٩﴾

(٩) ڇا اهي (ڪافر) نٿا ڏسن تہ آسمان ۽ زمين جون (ڪهڙيون ڪهڙيون قدرتون ۽ قانون ۽ عجائبات) سندن اڳيان ۽ پٺيان ظاهر پيا آهن. جيڪڏهن اسان چاهيون تہ کين زمين ۾ پوري ڇڏيون يا آسمان مان مٿن هڪڙي ڇپ ڪيرايون. بيشڪ هن (ڪائنات جي قدرتن) ۾ انهن سيني ٻانهن لاءِ وڏي نشاني آهي، جيڪي (الله ڏي) رجوع ٿين ٿا.

رڪوع 2

**دنياوي ترقي ۽ هنر وغيره بہ خدا جو فضل آهي.**

وَلَقَدْ آتَيْنَا دَاوُودَ مِنَّا فَضْلًا ۖ يَا جِبَالُ أَوِّبِي مَعَهُ وَالطَّيْرَ ۖ وَأَلَنَّا لَهُ الْحَدِيدَ ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ هي حقيقت آهي تہ اسان حضرت دائود کي پنهنجي فضل سان نوازيو. اي جبلو ۽ اي پکيو! توهان بہ ساڻس گڏ الله جون صفتون ڳايو ۽ اسان هن جي لاءِ لوهہ کي نرم ڪري ڇڏيو.

أَنِ اعْمَلْ سَابِغَاتٍ وَقَدِّرْ فِي السَّرْدِ ۖ وَاعْمَلُوا صَالِحًا ۖ إِنِّي بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿١١﴾

(١١) (اسان حضرت دائود کي حڪم ڏنو تہ انهيءَ لوهہ مان) زرهون ٺاهہ ۽ زنجيردار زرهن جي ڪڙين کي پوري انداز تي بيهار (تہ جنگي جوڌا انهن کي آسانيءَ سان پهري سگهن ۽ ظالم دشمنن جو مقابلو ڪن) ۽ (اي دائود جا ماڻهو) سٺو ڪم ڪيو (تہ زرهون سٺيون ۽ سهوليت واريون ٿين) يقين رکو تہ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو مان چڱيءَ طرح ٿو ڏسان.

وَلِسُلَيْمَانَ الرِّيحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَرَوَاحُهَا شَهْرٌ ۖ وَأَسَلْنَا لَهُ عَيْنَ الْقِطْرِ ۖ وَمِنَ الْجِنِّ مَن يَعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ بِإِذْنِ رَبِّهِ ۖ وَمَن يَزِغْ مِنْهُمْ عَنْ أَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيرِ ﴿١٢﴾

(١٢) ۽ حضرت سليمان جي لاءِ هوا (کي سندس تابع ڪيوسين، يعني هوا کان ڪم وٺڻ ۽ ان جي وسيلي سڙهن سان جهاز راني ڪرڻ جو هنر سيکاريو) انهيءَ هوا جو صبح وارو پنڌ ۽ شام وارو پنڌ هڪ مهيني جي (پيادل) مسافريءَ جي برابر هو. (يعني جهاز ٻن پهرن جي اندر پيادل مسافرن جي هڪ مهيني جي مسافري جيترو مفاصلو لتاڙي ويندا هئا). ۽ اسان هن جي لاءِ پگهريل پتل جو چشمو وهائي ڇڏيو، (جنهن مان برتن وغيره ٺهڻ لڳا) ۽ الله جي حڪم سان جنن مان ڪي سندس اڳيان ڪم ڪندا هئا. ۽ (انهن مان) جنهن بہ اسان جي حڪم کان منهن ٿي موڙيو تنهن کي ڄڀي ڪندڙ باهہ جو عذاب ٿي چکايوسين.

يَعْمَلُونَ لَهُ مَا يَشَاءُ مِن مَّحَارِيبَ وَتَمَاثِيلَ وَجِفَانٍ كَالْجَوَابِ وَقُدُورٍ رَّاسِيَاتٍ ۚ اعْمَلُوا آلَ دَاوُودَ شُكْرًا ۚ وَقَلِيلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُورُ ﴿١٣﴾

(١٣) (اهي جيڪي حضرت سليمان لاءِ) اهڙيءَ طرح ڪم ڪندا هئا جيئن هو چاهيندو هو ۽ عمارتون ۽ مورتون ۽ تلاون جيڏا حوض ۽ هڪ هنڌ ڪتل ديڳيون ٺاهيندا هئا. اي آل دائود (خدا جي) شڪرگذاري ڪندي ڪم ڪندا رهو، پر منهنجي ٻانهن مان ڪي ٿورا آهن جيڪي شڪرگذار ڪن ٿا (گهڻا تہ اهڙا آهن جي خدا جي ڏنل نعمتن جسم، دل، دماغ ۽ فطرت جي شين کان پورو ڪم نٿا وٺن).

فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖۤ اِلَّا دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ اَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا لَبِثُوْا فِي الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ؕ ﴿١٤﴾

(١٤) پوءِ جڏهن اسان هن (حضرت سليمان) تي موت جو حڪم صادر ڪيو تڏهن ڪنهن بہ شيءِ هنن (جنن) کي سندس موت جي خبر نہ ڏني، سواءِ هڪڙي زميني جيت جي جو سندس لٺ کي (هوريا هوريان) کائي رهيو هو. پوءِ جڏهن (لٺ ڪاڄي وڃڻ جي ڪري لٺ جو سهارو وڃائي) حضرت سليمان ڪري پيو، تڏهن جنن کي معلوم ٿيو تہ (هو گذاري ويو آهي ۽) جيڪڏهن انهن کي غيب جي خبر هجي ها تہ هن خوار خراب ڪندڙ عذاب ۾ نہ ترسن ها (۽ ڀڄي وڃن ها).

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ وَّ شِمَالٍ ۬ ؕ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ طَيِّبَةٌ وَّ رَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿١٥﴾

(١٥) سبا جي ماڻهن لاءِ خود سندن گهرن يا ڳوٺن ۾ وڏي نشاني هئي. (سندن رستن يا واهن جي ٻنهي پاسن تي هر هنڌ) بہ باغ هئا. هڪڙو ساڄي پاسي ۽ ٻيو کٻي پاسي، (هنن کي الله تعاليٰ وٽان ارشاد مليل هو تہ) پنهنجي پروردگار جي رزق مان کائو پيئو ۽ سندس شڪرگذاري ڪيو (يعني سندس نعمتون روهائڻ ۾ ٻين ماڻهن سان عدل ۽ احسان ڪيو) اهو ڏاڍو سهڻو، آباد ۽ آسودو ملڪ هو ۽ (سندن) پروردگار (هنن جون خطائون) بار بار بخشيندڙ هو.

فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ وَ بَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّ اَثْلٍ وَّ شَيْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِيْلٍ ﴿١٦﴾

(١٦) پر پوءِ هنن (خدا جي حڪمن کان) منهن موڙيو تنهن ڪري اسان هنن جي مٿان وڏي ٻوڏ عرم واري موڪلي ۽ سندن ٻن (قطارن وارن) باغن کي ڦيرائي اهڙا بہ باغ ڪياسين جن ۾ ڪوڙا ڦل، ليون ۽ ننڍڙيون بيڪار ٻيريون وڃي رهيون.

ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ؕ وَهَلْ نُجٰزِيْۤ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿١٧﴾

(١٧) اهو هو هنن جو عيوضو جو اسان ڪين سندن بي شڪريءَ جي ڪري ڏنو ۽ اهڙي سزا اسان فقط انهن کي ڏيندا آهيون جيڪي بي شڪر ٿيندا آهن (۽ اسان جون نعمتون خراب طرح ڪم آڻي ظلم ڪندا آهن.)

وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا قُرًى ظَاهِرَةً وَّ قَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ ؕ سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِيَ وَ اَيَّامًا اٰمِنِيْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) (ٻي نعمت اسان مٿن هيءَ ڪئي هئي جو) هنن ۽ (شام ملڪ جي) شهرن جن تي اسان برڪتون ڪيون هيون جي وچ ۾ گهٽائي شهر آباد ڪيا هئا جي (هڪ ٻئي کي ويجهو) ڏسڻ ۾ ايندا هئا ۽ انهن جي وچ ۾ (مناسب مفاصلن تي) اسان منزلون مقرر ڪري ڇڏيون هيون. (سبا جي ماڻهن کي اسان ارشاد ڪيو هو تہ) انهن جي وچ ۾ رات جي وقت توڙي ڏينهن جي وقت امن امن سان مسافريون ڪيو (۽ واپار وڌايو).

فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ فَجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ وَ مَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿١٩﴾

(١٩) هنن (خود غرض نياڳن اگهن چاڙهڻ لاءِ يا ڪنهن ٻي ظلم واري نيت سان) چيو تہ اي اسان جا پروردگار اسان جي مسافرين جي منزلن جو مفاصلو ڊگهو ڪري ڇڏ (حقيقت ۾ ائين ڪرڻ سان) هنن پاڻ تي ظلم ڪيو (۽ پاڻ کي نقصان رسايو) سو اسان هنن کي (برباد ڪري پوين لاءِ

هنن جا) افسانا ۽ ڪهاڻيون ڪري ڇڏيون سين. ۽ اسان هنن ڪي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪنديڙي ڇڏيو. بيشڪ انهيءَ معاملي ۾ سيني صبر ڪندڙن، ثابت قدم رهندڙن ۽ شڪر ڪندڙن لاءِ وڏيون نشانيون آهن.

وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ إِبْلِيسُ ظَنَّهُ فَاتَّبَعُوهُ إِلَّا فَرِيقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ ابليس پنهنجو خيال هنن جي حالت ۾ سچو ثابت ڪري ڏيکاريو جو هنن سندس تابعداري ڪئي (۽ تباهه ٿي ويا) فقط مؤمنن جي هڪڙي جماعت سندس تابعداري نہ ڪئي.

وَمَا كَانَ لَهُ عَلَيْهِم مِّن سُلْطَانٍ إِلَّا لِنَعْلَمَ مَن يُؤْمِنُ بِالْآخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا فِي شَكٍّ ۗ وَرَبُّكَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ حَفِيظٌ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ هن (ابليس) ڪي ماڻهن جي مٿان ڪا حڪومت يا اختياري ڪانہ هئي. اسان ڪي فقط هي ڏسڻو آهي تہ ڪير آخرت ۾ ايمان ٿو رکي (۽ آخرت لاءِ نيڪ عمل ٿو ڪري) ۽ ڪير آخرت بابت شڪ ۾ آهي (۽ شيطان جي چوڻ تي لڳي بدعمل ٿو ڪري) ۽ (اي پيغمبر ياد رک تہ) تنهنجو پروردگار تہ هر چيز تي نگاهہ رکندڙ آهي.

رڪوع 3

**هرڪو پنهنجي عملن لاءِ جوابدار آهي. الله تعاليٰ انصاف سان فيصلو ڪندو.**

قُلِ ادْعُوا الَّذِينَ زَعَمْتُم مِّن دُونِ اللَّهِ ۖ لَا يَمْلِكُونَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِي السَّمَاوَاتِ وَلَا فِي الْأَرْضِ وَمَا لَهُمْ فِيهِمَا مِن شِرْكٍ وَمَا لَهُ مِنْهُم مِّن ظَهِيرٍ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (اي پيغمبر تون مشرڪن ڪي) چئو تہ جن ڪي توهان الله تعاليٰ ڪان سواءِ (ديوتائون ڪري) ٿا سمجهو تن ڪي پڪاري تہ ڏسو. اهي تہ آسمانن ۾ توڙي زمين ۾ ذري جيترو اختيار بہ نٿا رکن، نڪي انهن خدائن جو زمين ۽ آسمان ۾ ڪو حصو آهي. نڪي انهن مان ڪو (دنيا جي ڪارخاني هلائڻ ۾) الله جو ڪو مددگار آهي.

وَلَا تَنفَعُ الشَّفَاعَةُ عِندَهُ إِلَّا لِمَنْ أَذِنَ لَهُ ۚ حَتَّىٰ إِذَا فُزِّعَ عَن قُلُوبِهِمْ قَالُوا مَاذَا قَالَ رَبُّكُمْ ۖ قَالُوا الْحَقَّ ۖ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيرُ ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ (ياد رکو تہ) الله وٽ شفاعت يا سفارش ڪم ني ايندي، پر انهيءَ لاءِ سفارش ڪم ايندي جنهن لاءِ خدا پاڻ سفارش ڪرڻ جي اجازت ڏيندو. تان جو جڏهن هنن ماڻهن جي دلين مان هراس (ڪجهہ قدر) گهٽ ٿيندو تڏهن هڪبئي ڪان پڇندا تہ توهان جي پروردگار ڪهڙو فيصلو ۽ حڪم ڏنو آهي. هو جواب ۾ چوندا تہ. الله تعاليٰ حق ۽ انصاف جو فيصلو ڏنو آهي ۽ هو سيني ڪان اعليٰ ۽ سيني ڪان وڏو آهي.

قُلْ مَن يَرْزُقُكُم مِّنَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ قُلِ اللَّهُ ۖ وَإِنَّا أَوْ إِيَّاكُمْ لَعَلَىٰ هُدًى أَوْ فِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ ﴿٢٤﴾

(٢٤) (اي پيغمبر تون هنن مشرڪن ڪان) پڇ تہ آسمانن ۽ زمين مان ڪير ٿو توهان ڪي (روحاني جسماني) رزق پهچائي؟ تون ئي ڪين ٻڌائي ڇڏ تہ الله ئي ٿو پهچائي ۽ (هي بہ ٻڌائين تہ) يا اسان سڌي واٽ تي آهيون يا توهان، ۽ يا اسين چٽيءَ گمراهيءَ ۾ آهيون يا توهان. (اسان جون واٽون هڪبئي جي ابتڙ آهن. سو ضرور انهن مان هڪ هوندي سڌي تہ ٻي هوندي ڦڏي ۽ ڪين).

قُل لَّا تُسْأَلُونَ عَمَّا أَجْرَمْنَا وَلَا نُسْأَلُ عَمَّا تَعْمَلُونَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ٻڌائي ڇڏ تہ جيڪڏهن اسان گناهہ جا ڪم ٿا ڪيون تہ اوهان ڪان انهن بابت پڇاڻو ڪونہ ڪيو ويندو. نڪي اوهان جي عملن بابت اسان

کان پڇاڻو ڪيو ويندو (هرڪو پنهنجي عملن لاءِ ذميوار آهي ۽ هرڪو پنهنجي عملن جو نتيجو پوڳيندو).

قُلْ يَجْمَعُ بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ ۚ وَهُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيمُ ﴿٢٦﴾

(٢٦) (کين هي به) چئي ڇڏ ته، اسان جو پروردگار اسان سڀني کي (اسان کي ۽ اوهان کي) هڪ هنڌ آڻيندو ۽ پوءِ اسان جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڏيندو ۽ (ياد رکو ته) هو ئي آهي جو فيصلو ڏيندڙ آهي (نه ڪو ٻيو) ۽ هو ئي آهي جو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

قُلْ أَرُونِيَ الَّذِينَ أَلْحَقْتُمْ بِهِ شُرَكَاءَ ۖ كَلَّا ۚ بَلْ هُوَ اللَّهُ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿٢٧﴾

(٢٧) (اي پيغمبر تون کين هي به) چئُ ته مون کي اُهي ڏيکاريو ته سهي جن کي توهان شريڪ ٺهرائي خدا سان ڳنڍيو آهي. توهان هرگز ڏيکاري نه سگهندؤ. حقيقت هيءَ آهي ته فقط اهو ئي هڪ خدا آهي جو وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪم وارو آهي.

وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا كَافَّةً لِلنَّاسِ بَشِيرًا وَنَذِيرًا وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) (اي پيغمبر!) اسان توکي سڀني ماڻهن لاءِ (جيڪي قيامت تائين پيدا ٿيندا رهندا) پيغمبر ڪري موڪليو آهي انهيءَ لاءِ ته تون (نيڪ عملن ڪندڙن لاءِ ڪاميابي ۽ جنت جي) خوشخبري ڏئين ۽ (بدعمل ڪندڙن کي عذاب ۽ تباهيءَ کان) خبردار ڪرين. پر (افسوس جو) گهڻا ماڻهو اها ڳالهه نٿا سمجهن.

وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هَٰذَا الْوَعْدُ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا ته جيڪڏهن توهان مسلمان سچ ٿا چئو (ته مؤمن ڪامياب ٿيندا ۽ منڪر تباهه ٿيندا) ته ڀلا ٻڌايو ته، ڪڏهن اهو واعدو ظهور ۾ ايندو؟ (يعني ڪڏهن منڪر تباهه ٿيندا؟)

قُلْ لَكُمْ مِيعَادُ يَوْمٍ لَا تَسْتَأْخِرُونَ عَنْهُ سَاعَةً وَلَا تَسْتَقْدِمُونَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) (اي پيغمبر! کين) جواب ڏي ته توهان جي لاءِ اهو ڏينهن مقرر ڪيل آهي جنهن کي توهان هڪڙي گهڙي به پوئتي ڪري نه سگهندؤ، نڪي هڪڙي گهڙي اڳي آڻي سگهندؤ.

## رکوع 4

**سرمائيدار ۽ سردار نه رڳو پاڻ حق جي مخالفت ڪندا آهن پر ٻين کي به حق کان پري رکندا آهن.**

وَقَالَ الَّذِينَ كَفَرُوا لَنْ نُؤْمِنَ بِهَٰذَا الْقُرْآنِ وَلَا بِالَّذِي بَيْنَ يَدَيْهِ ۗ وَلَوْ تَرَىٰ إِذِ الظَّالِمُونَ مَوْقُوفُونَ عِنْدَ رَبِّهِمْ يَرْجِعُ بَعْضُهُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ الْقَوْلَ يَقُولُ الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا لِلَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا لَوْلَا أَنْتُمْ لَكُنَّا مُؤْمِنِينَ ﴿٣١﴾

(٣١) جن ڪفر اختيار ڪيو آهي سي چون ٿا ته اسان نڪي هن قرآن تي ايمان آڻينداسين، نڪي ڪنهن ٻئي ڪتاب تي جو ان کان اڳي (آيو) هجي ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون هنن ظالمن کي انهيءَ وقت ڏسين جڏهن کين سندن پروردگار جي اڳيان کڙو ڪيو ويندو (ته جيڪر ڏاڍي عجيب حالت ڏسين) اهي هڪٻئي تي (پنهنجي ڪفر ۽ انڪار جو) ڏوهه ٿڦيندا. (مثلاً ڇا ٿيندو جو) ڪمزور (مسڪين ماڻهو جن کي وڏا ماڻهو ڏڪاريندا هئا) هنيلن وڏن ماڻهن کي چوندا ته جيڪڏهن توهان نه هجو ها (۽ اسان کي نه ڀرغلايو ها) ته اسان ضرور (قرآن تي) ايمان آڻيون ها.

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْٓا
اَنَحْنُ صَدَدْنٰكُمْ عَنِ الْهُدٰى بَعْدَ اِذْ
جَآءَكُمْ بَلْ كُنْتُمْ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) وڏا ماڻهو وري ڪمزورن (مسڪينن) کان پڇندا تہ جڏهن توهان وٽ (قرآني) هدايت اچي چڪي هئي تڏهن اسان توهان کي انهيءَ هدايت (واري واٽ وٺڻ) کان روڪيو هو ڇا؟ هرگز نہ! هيءَ حقيقت آهي تہ توهان جوئي قصور هو (جو توهان حق جي واٽ اختيار نہ ڪئي).

وَقَالَ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا
بَلْ مَكْرُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ اِذْ تَاْمُرُوْنَنَآ اَنْ نَّكْفُرَ
بِاللّٰهِ وَنَجْعَلَ لَهٗٓ اَنْدَادًا ۭ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ
لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ۭ وَجَعَلْنَا الْاَغْلٰلَ فِيْٓ اَعْنَاقِ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) ڪمزور (مسڪين ماڻهو) هنيلن وڏن ماڻهن کي (وري) چوندا تہ توهان رات ڏينهن (اسان کي برغلائڻ لاءِ) منصوبا ٺاهيندا هئو. ڏسو توهان اسان کي هميشہ حڪم ڪندا هئو تہ الله کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ساڻس شريڪ ٺهرايو (پوءِ ٻئي ڌريون) پشيماني لڪائيندين، جڏهن عذاب کي پنهنجي اکين آڏو ڏسندا (پر ان وقت پشيماني ڪم نہ ايندي). جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن جي ڳچين ۾ اسان ڳٽ وجهنداسين. جيڪي عمل هنن ڪيا هئا تن کان گهٽ يا وڌ بدلو ڪين ملندو ڇا؟ (نہ نہ، جهڙا عمل ڪيا هئائون تهڙوئي بدلو ملندن).

وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ
مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ جڏهن بہ اسان ڪنهن شهر ۾ ڪو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) موڪليو تڏهن انهيءَ شهر جي دولتمندن ڪين چئي ڏنو تہ جيڪو حڪم ۽ پيغام ڪڻي آيا آهيو تنهن کي اسان مڃڻ وارا ڪونہ آهيون.

وَقَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ۙ وَّمَا
نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) ۽ (اهي دولتمند ڪين) چوندا تہ اسان ڌن ۽ دولت ۾ ۽ اولاد (۽ نوڪرن وغيره) ۾ (اوهان کان) وڌيڪ آهيون سو (اوهان اسان کي ڇا ڪري سگهندا) اسان تي ڪابہ تڪليف يا عذاب ڪونہ ايندو.

قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ
يَقْدِرُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو تہ (دولت ۽ اولاد تي ڀروسو نہ ڪيو. الله تعاليٰ اوهان کان سڀ ڪجهہ ڪيسي ٿو سگهي) بيشڪ منهنجو پرورگار جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ڇڏي. پر گهڻا ماڻهو (اها حقيقت) نٿا ڄاڻن (تنهن ڪري ئي هو دولت هٿ ڪرڻ لاءِ گناهہ ۽ ظلم جا ڪم ٿا ڪن ۽ خدا جي حڪمن تي نٿا هلن).

رکوع 5

**رزق ڪشادو ڪندڙ الله تعاليٰ آهي، سو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪيو.**

وَمَآ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ
عِنْدَنَا زُلْفٰٓى اِلَّا مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۡ
فَاُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ جَزَاۗءُ الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَهُمْ
فِي الْغُرُفٰتِ اٰمِنُوْنَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) ۽ توهان جي دولت ۽ اولاد توهان کي هڪڙو قدم بہ اسان جي ويجهو نہ آڻيندو، پر (خدا کي ويجهو اهو ايندو (يعني امن امان واري زندگي اهو ماڻيندو) جو حق تي ايمان آڻيندو ۽ نيڪ عمل بہ ڪندو. اهڙائي ماڻهو آهن جن جي لاءِ سندس عملن جي بدلي ۾ ٻيڻو انعام ملندو ۽ هو مٿين ماڙين ۾ امن امان سان رهندا.

وَالَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٨﴾

(٣٨) ۽ جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن ۽ حڪمن جي خلاف ڪوشسون ٿا ڪن (۽ اسان جي رٿن کي ناڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن سي هرگز ڪامياب ڪونہ ٿيندا) اهي حاضر ڪري عذاب ۾ وڌا ويندا.

قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ۭ وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ يُخْلِفُهٗ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) (اي پيغمبر) تون ماڻهن کي چئو تہ يقيناً منهنجو پروردگار ئي پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ٿو ڇڏي.

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) ۽ ڪنهن ڏينهن الله تعاليٰ هنن سڀني کي گڏ ڪندو ۽ پوءِ ملائڪن کان پڇندو تہ ڇا هي ماڻهو اوهان ملائڪن جي عبادت ڪندا هئا ؟

قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ بَلْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ الْجِنَّ ۚ اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾

(٤١) ملائڪ جواب ڏيندا تہ (اي خدا!) پاڪائي هجي تنهنجي لاءِ، تون ئي اسان جو ڪارساز آهين، نہ هي ماڻهو. حقيقت هيءَ آهي تہ هو جنن (يعني شيطانن يا حرصن هوسن) جي پوڄا ڪندا هئا. انهن مان گهڻا ماڻهو انهن شيطانن ۾ ايمان رکندا هئا.

فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّلَا ضَرًّا ۭ وَنَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) سو انهيءَ ڏينهن انهن ۾ اها طاقت ڪانہ هوندي جو هڪڙا ٻين کي نفعو يا نقصان پهچائي سگهن. ۽ اسان ظالمن کي چونداسين تہ (هاڻي) انهيءَ باهہ جو عذاب چکو جنهن متعلق توهان ڪونہ مڃيندا هئو، (تہ ڪو اسان باهہ جي عذاب ۾ رهنداسين.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَاۗؤُكُمْ ۚ وَقَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّآ اِفْكٌ مُّفْتَرًى ۭ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ جڏهن هنن کي چٽيون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تڏهن هو چون ٿا تہ هي اهو ماڻهو آهي جو چاهي ٿو تہ جن جي پوڄا اوهان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا تن کان اوهان کي روڪي ۽ پڻ چون ٿا تہ هي (قرآن) ڪجهہ بہ ناهي سواءِ هن جي تہ هٺرادو ٺاهيل ڪوڙ آهي ۽ جڏهن حق هنن وٽ پهچي ٿو تڏهن ڪافر انهيءَ بابت چون ٿا تہ هي ڪجہ ناهي سواءِ هن جي تہ چٽو پٽو جادو آهي.

وَمَآ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ مِنْ نَّذِيْرٍ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ۽ (حقيقت هيءَ آهي تہ) هنن (قريشن) کي اسان ڪي ڪتاب ڪونہ ڏنا هئا جن کي هو پڙهن، نڪي اسان هنن ڏي تو کان اڳي ڪو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) موڪليو هو.

وَكَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَمَا بَلَغُوْا مِعْشَارَ مَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ ۣ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٥﴾

(٤٥) هنن قريشن کان اڳي جيڪي قومن ٿي گذريون آهن، (ياد ثمود وغيره) تن بہ (حق جي پيغام کي) نڪرائي ڇڏيو هو. جيڪا (دولت، هنر، طاقت وغيره) اسان انهن کي ڏني هئي تنهن جي ڏهين پتي بہ هنن (قريشن) کي ڪانہ ملي آهي. تنهن هوندي بہ جڏهن هنن اسان جي رسولن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ نہ مڃيو تڏهن ڏسو تہ اسان هُنن کي ڪهڙي نہ سخت سزا ڏني.

## رڪوع 6

**حضرت جن جي سچائيءَ جا دليل، منڪرن جي حالت ڪهڙي ٿيندي.**

قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى وَفُرَادٰى ثُمَّ تَتَفَكَّرُوْا ۫ مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ لَّكُمْ بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ ﴿٤٦﴾

(٤٦) (اي پيغمبر تون انهن منڪرن کي) چئو تہ، مان توهان کي فقط نصيحت ٿو ڏيان تہ توهان خالص خدا جي واسطي (بنا خود غرضي ۽ تڪبر جي اڳين جميل خيالن کي ٿوري وقت لاءِ پاسي ڪري) اٿي ڪڙا ٿيو ٻہ ٻہ، يا هڪ هڪ پوءِ (ٻين کان جدا ٿي) غور ۽ فڪر ڪيو. (توهان سمجهي ويندؤ تہ) توهان جو رفيق (يعني پيغمبر ﷺ) هرگز مجنون ناهي (توهان چاليهہ سال هن جو سالم هوش ۽ تهذيب واري روش ڏٺي آهي) هو تہ فقط توهان کي خبردار ٿو ڪري تہ (جيڪڏهن سڌيءَ واٽ ڏي نہ موٽندؤ تہ) سخت عذاب اچهو، ڪي اچهي آيو.

قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ ۭ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٤٧﴾

(٤٧) (اي پيغمبر ﷺ! تون ڪين هي ٻہ) چئو تہ مان توهان کان ڪو اجورو يا عيوضو تہ ڪونہ ٿو گهران (مان تہ اٽلندو توهان جي لاءِ تڪليفون ٿو وٺان. جيڪي مان ٻڌايان ٿو) اهو سڀ اوهان جي ئي فائدي لاءِ آهي. منهنجو اجر يا مزوري تہ فقط الله تعاليٰ جي ذمي آهي ۽ هو سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو.

قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَقْذِفُ بِالْحَقِّ ۚ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿٤٨﴾

(٤٨) (اي پيغمبر ٽيون دليل هيءُ) ٻڌاءِ تہ يقيناً منهنجو پروردگار حق ٿو سيڪاري ۽ حق کي غالب ٿو ڪري سڀ لڪل ڳالهيون هو تمام چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيْدُ ﴿٤٩﴾

(٤٩) (اي پيغمبر! تون منڪرن کي) چئو تہ، حق اچي ويو آهي (۽ غالب پوندو ٿو وڃي ۽ ان مان چڱا نتيجا پيدا ٿيندا ٿا وڃن) پر باطل (ڪابہ چڱائي) نئين طرح پيدا نٿو ڪري، نڪي (ڪا گم ٿيل چڱائي) موٽائي ٿو آڻي.

قُلْ اِنْ ضَلَلْتُ فَاِنَّمَآ اَضِلُّ عَلٰى نَفْسِيْ ۚ وَاِنِ اهْتَدَيْتُ فَبِمَا يُوْحِيْٓ اِلَيَّ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ قَرِيْبٌ ﴿٥٠﴾

(٥٠) (اي پيغمبر! پڇاڙيءَ ۾ هي ٻہ) چئو تہ، جيڪڏهن مان ڀليل آهيان تہ منهنجي گمراهيءَ جو وبال فقط مون تي پوندو. پر جيڪڏهن مان سڌيءَ واٽ تي هلي رهيو آهيان تہ اهو انهيءَ ڪري آهي جو منهنجو پروردگار مون ڏي وحي ٿو موڪلي (۽ مان ان موجب عمل ٿو ڪيان). يقيناً هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ آهي ۽ (هر وقت) ويجهو آهي.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ فَزِعُوْا فَلَا فَوْتَ وَاُخِذُوْا مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ (ڏاڍو عجب ڪائين) جيڪڏهن تون (اها حالت) ڏسين جڏهن (ڪافر) هراس ۾ ڏڪندا ۽ ٿڙڪندا. پوءِ (هنن لاءِ) ڀڄي ڇٽڻ جي ڪابہ واٽ ڪانہ هوندي ۽ هن کي ويجهي ۾ ويجهي جاءِ مان پڪڙيو ويندو.

وَّقَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖ ۚ وَاَنّٰى لَهُمُ التَّنَاوُشُ مِنْ مَّكَانٍ بَعِيْدٍ ﴿٥٢﴾

(٥٢) ۽ (انهيءَ وقت) هو چوندا تہ اسان (هاڻي) ان تي ايمان آندو آهي پر ڪيئن هو موت ڪائي دوريءَ واري جاءِ تان ايمان کي وٺي سگهندا.

وَّقَدْ كَفَرُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ۚ وَيَقْذِفُوْنَ بِالْغَيْبِ مِنْ مَّكَانٍۭ بَعِيْدٍ ﴿۵۳﴾

(٥٣) جڏهن تہ هنن منڍئون (حق کي قبول ڪرڻ کان) قطعي انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ پري کان غيب جي حقيقتن بابت بيهودي بڪواس ڪندا هئا. (۽ ڪوڙيون تهمتون ڌريندا هئا).

وَحِيْلَ بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ مَا يَشْتَهُوْنَ كَمَا فُعِلَ بِاَشْيَاعِهِمْ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا فِيْ شَكٍّ مُّرِيْبٍ ﴿۵۴﴾

(٥٤) ۽ هنن جي ۽ هنن جي خواهشن جي وچ ۾ ديوار ڪڙي ڪئي ويندي (يعني هنن جي ڪابہ خواهش پوري ڪانہ ٿيندي، هو نامراد رهندا) جهڙيءَ طرح اڳي هنن جي طرفدارن (يعني هنن جهڙن ڪافرن) سان ڪيو ويو هو (يعني جيئن اڳوٽين ڪافر قومن کي بہ نامراد ۽ تباهہ ڪيو ويو هو). بيشڪ اهي (بہ هنن وانگر) شڪن شبهن ۾ منجهي ويا هئا.

## سورة فاطر — مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**رزق ڏيندڙ الله آهي، تنهن ڪري انهيءَ مهربان مولا جي حڪمن تي ئي عمل ڪرڻ گهرجي.**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ جَاعِلِ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا اُولِيْٓ اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ؕ يَزِيْدُ فِي الْخَلْقِ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱﴾

(١) سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي آهي، جنهن (عدم مان) آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا، جنهن ملائڪن کي، جن کي ٻہ ٻہ، ٽي ٽي ۽ چار چار کنڀڙاٽيون آهن. پنهنجا قاصد بنايو. هو خلقت ۾ جيئن چاهي ٿو تيئن واڌارو ڪندو ٿو رهي. بيشڪ الله تعاليٰ هر چيز تي قادر آهي.

مَا يَفْتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمْسِكْ ۙ فَلَا مُرْسِلَ لَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲﴾

(٢) الله تعاليٰ پنهنجي رحمت مان جيڪي انسانن لاءِ عطا ڪري ٿو تنهن کي ڪوبہ روڪڻ وارو ڪونهي، ۽ جيڪي (نعمتون) هو روڪي ٿو ڇڏي سي ڪانئس سواءِ ٻيو ڪوبہ ڏيئي نٿو سگهي. ۽ هو وڏي طاقت رکندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۳﴾

(٣) اي انسانؤ! پاڻ تي الله جون نعمتون ۽ احسان ياد رکو (۽ ڏسو تہ) الله کانسواءِ ٻيو بہ ڪو خالق آهي ڇا؟ جو اوهان کي آسمان ۽ زمين مان رزق (ڪاڌو پيتو وغيره توڙي وحي حڪمت وغيره) ٿو پهچائي (نہ، ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو پهچائي) هن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي، پوءِ توهان (ڪيئن حق جي وات ڇڏي) ڪاڏي جو ڪاڏي ڀٽڪي رهيا آهيو؟

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۴﴾

(٤) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن هي ماڻهو توکي ڪوڙو ٺهرائي نٿا مڃين تہ (تون مايوس نہ ٿيءُ) توکان اڳي بہ رسولن کي (گهڻن ئي) ماڻهن نہ مڃيو هو ۽ (ياد رک تہ) آخر سڀ ڳالهيون سندس ئي طرف فيصلي لاءِ موٽايون وينديون.

يَاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا ۖ وَلَا يَغُرَّنَّكُمۡ بِاللّٰهِ الۡغَرُوۡرُ ﴿۵﴾

(٥) اي انسانو! يقين ڄاڻو تہ الله جو واعدو (تہ مؤمن ڪامياب ٿيندا ۽ غالب پوندا ۽ منڪر شڪست کائيندا ۽ تباھ ٿيندا) سچو آهي (۽ ضرور سچو ثابت ٿيندو) تنهن ڪري دنيا جي ويجهي زندگيءَ تي (يعني بي سمجهہ ٻارن وانگي ترت فائدي يا خوشيءَ تي) پنهنجي نہ وجو (مستقبل جو خيال رکو ۽ ڏسو تہ ان ڪم ۾ پوءِ فائدو آهي يا نقصان). (۽ ڏسو متان (اوهان جو دشمن) شيطان اوهان کي (مهربان) الله بابت ٺڳي ڇڏي (۽ اوهان کي ڪنڌ پر ڪيرائي).

اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لَكُمۡ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوۡهُ عَدُوًّا ؕ اِنَّمَا يَدۡعُوۡا حِزۡبَهٗ لِيَكُوۡنُوۡا مِنۡ اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ ؕ ﴿۶﴾

(٦) يقين ڄاڻو تہ شيطان اوهان جو دشمن آهي، سو توهان بہ هن کي دشمن ڪري سمجهو (۽ سندس چوڻ تي نہ لڳو) هو تہ پنهنجي پوئلڳن کي فقط انهيءَ لاءِ ٿو سڏي تہ هو سخت ٻري ڪندڙ باھ ۾ پون.

اَلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ۖ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ كَبِيۡرٌ ع ﴿۷﴾

(٧) جيڪي ڪفر جي واٽ ٿا وٺن (يعني خدا جي مفيد حڪمن تي عمل ڪرڻ بدران شيطان جي فريب ۾ اچي بدعمل ٿا ڪن) تن جي لاءِ سخت عذاب هوندو، ۽ جيڪي (الله تي) ايمان ٿا رکن ۽ صالح عمل ٿا ڪن تن جي لاءِ (خدا وٽان) بخشش ۽ وڏو اجر هوندو.

رڪوع 2

**جيڪو ماڻهو بدعمل کي بہ چڱو ٿو سمجهي سو سڌري ڪونہ سگهندو.**

اَفَمَنۡ زُيِّنَ لَهٗ سُوۡٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ؕ فَاِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَهۡدِيۡ مَنۡ يَّشَآءُ ۖ فَلَا تَذۡهَبۡ نَفۡسُكَ عَلَيۡهِمۡ حَسَرٰتٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿۸﴾

(٨) پوءِ اهو ماڻهو جنهن جي عملن جي برائي ڪيس خوبصورت ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ پوءِ ان برائيءَ کي چڱائي ٿو سمجهي (سو ماڻهو نيڪ عمل ڪندڙن جي برابر ٿي سگهي ٿو ڇا؟ نہ، هرگز نہ) الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي گمراھ ڪري ٿو ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي سڌيءَ واٽ تي لڳائي ٿو ڇڏي. سو (اي منهنجا پيغمبر) تون هنن (جي حال) تي اجايو ارمان نہ ڪر. جيڪي جيڪي (اهي گمراھ ماڻهو) ڪن ٿا سو بيشڪ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَاللّٰهُ الَّذِيۡٓ اَرۡسَلَ الرِّيٰحَ فَتُثِيۡرُ سَحَابًا فَسُقۡنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحۡيَيۡنَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ؕ كَذٰلِكَ النُّشُوۡرُ ﴿۹﴾

(٩) اهو خدا ئي آهي جو هوائن کي موڪلي ٿو. پوءِ اهي هوائون ڪڪرن کي مٿي کڻن ٿيون. پوءِ اسان انهن ڪڪرن کي مئل (يعني خشڪ) ملڪ ڏي ڪاهيون ٿا ۽ انهن (مان مينهن وسائڻ) سان زمين کي سندس موت (يعني خشڪ ٿي وڃڻ) بعد وري جياريون ٿا (يعني سرسبز ۽ آباد ڪيون ٿا) وري اٿڻ بہ اهڙيءَ ئي طرح ٿئي ٿو ۽ ٿيندو.

مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الۡعِزَّةُ جَمِيۡعًا ؕ اِلَيۡهِ يَصۡعَدُ الۡكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالۡعَمَلُ

(١٠) جيڪو ماڻهو عزت ۽ طاقت (حاصل ڪرڻ) چاهي ٿو (تنهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ) سڀ شان ۽ طاقت الله جي آهي ۽ الله جي لاءِ آهي. پاڪ لفظ ۽ پاڪ ڳالهيون الله تعاليٰ ڏي چڙهي وڃن ٿيون ۽ صالح عمل ان کي

الصَّالِحُ يَرْفَعُهُ ۚ وَالَّذِينَ يَمْكُرُونَ السَّيِّئَاتِ
لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيدٌ ۖ وَمَكْرُ أُولَٰئِكَ هُوَ
يَبُورُ ﴿١٠﴾

(يعني صالح عمل كندڙ کي) مٿي کڻي وڃن ٿا (يعني کيس عزت ۽ وڏو مرتبو حاصل ڪرائين ٿا) پر جيڪي ماڻهو برائيون رٿين ٿا ۽ برائيون ڪن ٿا تن جي لاءِ سخت عذاب (تيار رکيل) آهي. انهن ماڻهن جون (اهي برائيءَ جون) تدبيرون ڊهي پونديون.

وَاللَّهُ خَلَقَكُم مِّن تُرَابٍ ثُمَّ مِن نُّطْفَةٍ ثُمَّ
جَعَلَكُمْ أَزْوَاجًا ۚ وَمَا تَحْمِلُ مِنْ أُنثَىٰ وَلَا
تَضَعُ إِلَّا بِعِلْمِهِ ۚ وَمَا يُعَمَّرُ مِن مُّعَمَّرٍ وَلَا
يُنقَصُ مِنْ عُمُرِهِ إِلَّا فِي كِتَابٍ ۚ إِنَّ ذَٰلِكَ
عَلَى اللَّهِ يَسِيرٌ ﴿١١﴾

(١١) ۽ (اي انسانو! الله جون قدرتون ۽ نعمتون تہ ڏسو) الله تعاليٰ اوهان کي (اصل) مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ هاڻي نطفي مان (يعني منيءَ مان) پيدا ڪندو ٿو رهي ۽ توهان کي جوڙا جوڙا ڪيائين (يعني مرد ۽ زال ٺاهيائين) ۽ ماديءَ جي پيٽ ۾ حمل نٿو ٿئي ۽ ٻچو نٿي ڄڻي سواءِ سندس علم (۽ حڪم) جي ۽ ڪنهن بہ ڊگهي عمر واري ماڻهو جي ڊگهي عمر نٿي ٿئي، نڪي سندس عمر گهٽجي ٿي، سواءِ هن جي جو (الله جي) ڪتاب ۾ (ائين لکيل) هجي (يعني الله جي حڪمن ۽ قانونن موجب ائين ٿو ٿئي) اهو سڀ الله جي لاءِ بيشڪ سولو (ڪم) آهي.

وَمَا يَسْتَوِي الْبَحْرَانِ هَٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ
سَائِغٌ شَرَابُهُ وَهَٰذَا مِلْحٌ أُجَاجٌ ۖ وَمِن كُلٍّ
تَأْكُلُونَ لَحْمًا طَرِيًّا وَتَسْتَخْرِجُونَ حِلْيَةً
تَلْبَسُونَهَا ۖ وَتَرَى الْفُلْكَ فِيهِ مَوَاخِرَ
لِتَبْتَغُوا مِن فَضْلِهِ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿١٢﴾

(١٢) ۽ ٻئي پاڻي (يعني درياهہ ۽ سمنڊ) بہ هڪجهڙا ڪونہ آهن. هڪ لذيذ ۽ مٺو آهي ۽ پيئڻ ۾ وڻندڙ آهي تہ ٻيو وري ڪارو ۽ لوڻ جهڙو ڪوڙو آهي. ۽ (قدرت تہ ڏسو تہ) توهان هرهڪ پاڻيءَ مان (مڇيون پڪڙي انهن جو) تازو ۽ نرم گوشت ڪائو ٿا، ۽ (ٻنهي مان موتي مرجان سون وغيره) ڪڍي زيور ٺاهيو ٿا جي توهان پايو ٿا. ان ڪان سواءِ توهان جهاز ڏسو ٿا تہ ڪيئن انهيءَ پاڻي کي چيرندا هليا وڃن ٿا، انهيءَ لاءِ تہ توهان (انهن جهازن ۾ سواري ڪري ڏورانهن ملڪن ڏي واپار وغيره لاءِ وڃو ۽) الله جي فضل (دولت وغيره) جي تلاش ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪرگذار رهو (۽ الله جون نعمتون الله جي حڪمن موجب ڪم آڻي پنهنجو فائدو ڪيو.)

يُولِجُ اللَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُولِجُ النَّهَارَ فِي
اللَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ كُلٌّ يَجْرِي
لِأَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ ذَٰلِكُمُ اللَّهُ رَبُّكُمْ لَهُ
الْمُلْكُ ۚ وَالَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِهِ مَا
يَمْلِكُونَ مِن قِطْمِيرٍ ﴿١٣﴾

(١٣) الله تعاليٰ (هوريان هوريان) رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ڏي ۽ ڏينهن کي رات ۾ ۽ سج ۽ چنڊ کي (قانونن جي) تابع ڪري رکيو آهي. انهن مان هرهڪ مقرر وقت تائين گردش ڪندو رهندو. اهڙو آهي الله جو اوهان جو پروردگار آهي. (سڄي عالم جي) بادشاهي سندس ئي آهي، پر جن کي توهان (خدائيون سمجهي) الله تعاليٰ جي علاوه پڪاريو ٿا تن کي تہ ڪارڪ جي ڪکڙيءَ جي ڪل جيتري طاقت يا اختيار بہ ڪونهي.

إِن تَدْعُوهُمْ لَا يَسْمَعُوا دُعَاءَكُمْ وَلَوْ
سَمِعُوا مَا اسْتَجَابُوا لَكُمْ ۖ وَيَوْمَ الْقِيَامَةِ
يَكْفُرُونَ بِشِرْكِكُمْ ۚ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ
خَبِيرٍ ﴿١٤﴾

(١٤) جيڪڏهن توهان انهن کي پڪاريو تہ هو توهان جي پڪار ٻڌندائي ڪونہ ۽ جيڪڏهن ڪٿي ٻڌن تہ بہ هو اوهان جي مراد پوري ڪري ڪونہ سگهندا ۽ قيامت جي ڏينهن اهي (ديوتائون) توهان جي شرڪ ڪان انڪار ڪندا. (۽ (اي انسان! ياد رک تہ) ڪوبہ (انسان يا ڪو ٻيو) توکي (حق) ٻڌائي ڪونہ سگهندو، جهڙيءَ طرح اهو (الله ٻڌائي سگهندو) جو سڀ خبر رکندڙ آهي. (تنهن ڪري فقط الله جي حڪمن جي تعميل ڪريو.)

### رڪوع

**انسان الله تعاليٰ جا محتاج آهن. پر الله تعاليٰ ڪي ڪنهن جو احتياج ڪونهي.**

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۱۵﴾

(١٥) اي انسانو! اوهان سڀ الله تعاليٰ جا محتاج آهيو. پر خدا ئي آهي جو بي احتياج آهي ۽ سيني اعليٰ صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي.

اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿۱۶﴾

(١٦) جيڪڏهن هو چاهي ته توهان کي فنا ڪري ڇڏي ۽ (اوهان جي جاءِ تي) ٻي نئين مخلوق پيدا ڪري آڻي.

وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿۱۷﴾

(١٧) ۽ ائين ڪرڻ خدا جي لاءِ ڪا وڏي ڏکي ڳالهه ڪانهي.

وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَاِنْ تَدْعُ مُثْقَلَةٌ اِلٰى حِمْلِهَا لَا يُحْمَلْ مِنْهُ شَيْءٌ وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ؕ اِنَّمَا تُنْذِرُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ وَمَنْ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفْسِهٖ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۱۸﴾

(١٨) ۽ ڪوبه بار کڻندڙ ٻئي جو بار ڪونه کڻندو ۽ جيڪڏهن ڪوبه ڳوري بار هيٺ آيل ماڻهو ڪنهن ٻئي کي سندس بار کڻڻ لاءِ سڏيندو ته سندس بار مان هڪ ذرو به ڪونه ڪنيو ويندو. اگرچه اهو ماڻهو (جنهن کي سڏيندو سو) سندس ويجهو مائٽ هجي. (اي پيغمبر!) تون فقط انهن کي خبردار ڪري سگهين ٿو جيڪي پنهنجي رب کان ڪيس ڏسڻ کان سواءِ ئي ڊڄندا رهن ٿا ۽ نماز قائم رکن ٿا ۽ جيڪو به پاڪيزگي اختيار ڪري ٿو سو پنهنجي ئي نفس جي فائدي لاءِ ٿو ڪري ۽ سيني جي آخري منزل الله وٽ آهي.

وَمَا يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ انڌو ۽ ڏسندڙ (هرگز) هڪجهڙا ڪونه آهن.

وَلَا الظُّلُمٰتُ وَلَا النُّوْرُ ﴿۲۰﴾

(٢٠) نڪي اونده ۽ روشني هڪجهڙا آهن.

وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ ﴿۲۱﴾

(٢١) نڪي ڇانو ۽ اس هڪجهڙا آهن.

وَمَا يَسْتَوِى الْاَحْيَآءُ وَلَا الْاَمْوَاتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَاۤ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِى الْقُبُوْرِ ﴿۲۲﴾

(٢٢) نڪي جيئرا ۽ مئل هڪجهڙا آهن. بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي ٻڌڻ جهڙو ڪري ٿو ۽ اهو ٻڌي ٿو. پر تون (اي پيغمبر!) اهڙن ماڻهن کي ٻڌڻ جهڙو ڪري نٿو سگهين جيڪي قبرن ۾ (گويا مئا) پيا آهن.

اِنْ اَنْتَ اِلَّا نَذِيْرٌ ﴿۲۳﴾

(٢٣) تون ته فقط خبردار ڪندڙ آهين (پوءِ هو خبردار ٿين يا نه ٿين).

اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ؕ وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ ﴿۲۴﴾

(٢٤) يقيناً اسان توکي سچائيءَ سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي. ۽ ڪابه اهڙي قوم ڪانه ٿي گذري آهي جنهن ۾ ڪو خبردار ڪندڙ نه رهي ويو هجي.

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالزُّبُرِ وَبِالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿۲۵﴾

(٢٥) ۽ جيڪڏهن هي ماڻهو توکي نٿا مڃين ته (خيال نه ڪر) انهن کان اڳين ماڻهن به انهن رسولن کي نه مڃيو هو جيڪي چٽين نشانين سان، خدائي صحيفن سان ۽ نور پکيڙيندڙ ڪتاب سان وٽن آيا هئا.

ثُمَّ اَخَذۡتُ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡا فَكَیۡفَ كَانَ نَكِیۡرِ ؏ ﴿۲۶﴾

(٢٦) پوءِ جن ماڻهن نہ مڃيو تن کي مون سخت پڪڙ ڪئي (۽ سخت سزا ڏني) پوءِ (ڏس تہ) منهنجو ڪين تباهہ ڪرڻ ڪهڙو نہ (سخت) هو.

رڪوع 4

**الله تعاليٰ جون قدرتون ۽ نعمتون، علم وارن جون خصلتون.**

اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخۡرَجۡنَا بِهٖ ثَمَرٰتٍ مُّخۡتَلِفًا اَلۡوَانُهَا ؕ وَمِنَ الۡجِبَالِ جُدَدٌۢ بِیۡضٌ وَّحُمۡرٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهَا وَغَرَابِیۡبُ سُوۡدٌ ﴿۲۷﴾

(٢٧) توهان ڏسو نٿا تہ الله تعاليٰ ڪڪرن مان مينهن ٿو وسائي، پوءِ ان جي وسيلي اسان رنگارنگي ميوا (زمين مان) پيدا ڪري ٻاهر آڻيون ٿا ۽ جبلن ۾ بہ ڪي سفيد تہ ڪي ڳاڙها (علائقا يا پرڳڻا آهن) جن (جي پٿرن) جا رنگ مختلف آهن، ۽ ڪي تہ زور ڪارا آهن.

وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَآبِّ وَالۡاَنۡعَامِ مُخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ اِنَّمَا یَخۡشَی اللّٰهَ مِنۡ عِبَادِهِ الۡعُلَمٰٓؤُا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِیۡزٌ غَفُوۡرٌ ﴿۲۸﴾

(٢٨) ۽ ساڳيءَ طرح انسانن، جانورن ۽ ڍڳن ڍورن جا رنگ بہ مختلف آهن. يقين ڄاڻو تہ الله جي ٻانهن مان اهي ئي خدا (جي نافرمانيءَ) کان ڊڄن ٿا جن کي (انهن ظاهري اختلافن جو توڙي انسانن جي اندروني خيالن ۽ جذبن جي اختلافن جو) علم آهي، (هو ڄاڻن ٿا تہ) بيشڪ الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو آهي ۽ پڻ بخشڻار آهي.

اِنَّ الَّذِیۡنَ یَتۡلُوۡنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنۡفَقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ سِرًّا وَّعَلَانِیَةً یَّرۡجُوۡنَ تِجَارَةً لَّنۡ تَبُوۡرَ ۙ ﴿۲۹﴾

(٢٩) جيڪي ماڻهو الله جو ڪتاب پڙهن ٿا (سمجهن ٿا ۽ ان تي عمل ڪن ٿا) ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪو رزق اسان کين عطا ڪيو آهي، تنهن مان (خدا جي راهہ ۾) ڪليو ڪلايو توڙي مخفي طرح خرچ بہ ڪن ٿا سي يقيناً اهڙي واپار (۽ نفعي) جي يقيني اميد رکن ٿا جو هرگز ضايع نہ ٿيندو.

لِیُوَفِّیَهُمۡ اُجُوۡرَهُمۡ وَیَزِیۡدَهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ ؕ اِنَّهٗ غَفُوۡرٌ شَكُوۡرٌ ﴿۳۰﴾

(٣٠) جو تہ (الله تعاليٰ پاڻ) انهن کي پور پور اجر ڏيندو بلڪ پنهنجي فضل سان وڌيڪ بہ هنن کي عطا ڪندو. بيشڪ هو (سخي ماڻهن جو غلطيون) بخشيندڙ آهي ۽ (نيڪيءَ جا ڪم) قبول ڪندڙ آهي.

وَالَّذِیۡۤ اَوۡحَیۡنَاۤ اِلَیۡكَ مِنَ الۡكِتٰبِ هُوَ الۡحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَیۡنَ یَدَیۡهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِعِبَادِهٖ لَخَبِیۡرٌۢ بَصِیۡرٌ ﴿۳۱﴾

(٣١) ۽ (اي پيغمبر!) اسان ڪتاب مان جيڪي توڏي وحي ڪري موڪليو آهي سو بلڪل حق آهي. ۽ جيڪي ان کان اڳي نازل ڪيو هوسين تنهن جي تصديق ڪندڙ آهي (تہ اڳوڻا ڪتاب اصلوڪي حالت ۾ بلڪل سچا هئا) بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن بابت هرڪا خبر رکندڙ ۽ سڀ ڪجھ ڏسندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

ثُمَّ اَوۡرَثۡنَا الۡكِتٰبَ الَّذِیۡنَ اصۡطَفَیۡنَا مِنۡ عِبَادِنَا ۚ فَمِنۡهُمۡ ظَالِمٌ لِّنَفۡسِهٖ ۚ وَمِنۡهُمۡ مُّقۡتَصِدٌ ۚ وَمِنۡهُمۡ سَابِقٌۢ بِالۡخَیۡرٰتِ بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَضۡلُ الۡكَبِیۡرُ ﴿۳۲﴾

(٣٢) پوءِ اسان پنهنجي ٻانهن مان انهن کي ڪتاب ورثي ۾ ڏنو آهي جن کي (يعني عربن کي) اسان چونڊي ڪنيو آهي. (تہ هو قرآن جي تعليم سڄي دنيا جي ماڻهن کي پهچائين) پر انهن مان ڪي تہ (ان کان منهن موڙي) پاڻ تي ظلم ڪري رهيا آهن ۽ ڪي وچٿرا آهن (جو ايمان ضعيف اٿن ۽ نيڪ عملن ۾ قاصر آهن) ۽ ڪي وري اهڙا آهن جو الله جي حڪم سان چڱن ڪمن ڪرڻ ۾ تکڙا اڳتي وڌندڙ آهن. اهوئي وڏي ۾ وڏو فضل آهي.

جَنّٰتُ عَدۡنٍ يَّدۡخُلُوۡنَهَا يُحَلَّوۡنَ فِيۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّ لُـؤۡلُـؤًا ‌ۚ وَلِبَاسُهُمۡ فِيۡهَا حَرِيۡرٌ ﴿۳۳﴾

(٣٣) اهي ( نيڪ عملن ۾ سبقت ڪندڙ) دائمي باغن ۾ گهڙندا (۽ هميشه انهن راحتن ۾ رهندا) اتي هو سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پائيندا، ۽ اتي سندن پوشاڪ ريشم جي هوندي.

وَقَالُوا الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡۤ اَذۡهَبَ عَنَّا الۡحَزَنَ‌ ؕ اِنَّ رَبَّنَا لَـغَفُوۡرٌ شَكُوۡرُ ۙ ﴿۳۴﴾

(٣٤) ۽ هو چوندا ته وڏي ساراهه (۽ شڪر) آهي انهيءَ الله جو جنهن اسان جا غم دور ڪري ڇڏيا. بيشڪ اسان جو پروردگار بخشڻهار آهي (۽ نيڪ عملن جو) قبول ڪندڙ آهي.

اۨلَّذِىۡۤ اَحَلَّنَا دَارَ الۡمُقَامَةِ مِنۡ فَضۡلِهٖ‌ ۚ لَا يَمَسُّنَا فِيۡهَا نَصَبٌ وَّلَا يَمَسُّنَا فِيۡهَا لُـغُوۡبٌ ﴿۳۵﴾

(٣٥) جنهن (پروردگار) پنهنجي فضل سان اسان کي بقاءَ ڪندڙ گهر ۾ آڻي رهايو آهي. ان ۾ اسان کي نه ڪا تڪليف پهچندي نڪي ئي ٿڪ محسوس ٿيندو (راحتن مان ڪڪر ته ڪونه ٿينداسين پر وڌيڪ ۽ وڌيڪ مزو پيو ايندو).

وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَهُمۡ نَارُ جَهَنَّمَ‌ ۚ لَا يُقۡضٰى عَلَيۡهِمۡ فَيَمُوۡتُوۡا وَلَا يُخَفَّفُ عَنۡهُمۡ مِّنۡ عَذَابِهَا‌ ؕ كَذٰلِكَ نَجۡزِىۡ كُلَّ كَفُوۡرٍ‌ ۚ ﴿۳۶﴾

(٣٦) پر جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن جي لاءِ دوزخ جي باهه (تيار رکي) آهي. نڪي انهن لاءِ اهڙو حڪم (اسان وٽان) صادر ٿيندو جو پوءِ هو مري وڃن (۽ عذابن کان ڇٽي پون) نڪي انهيءَ باهه جي عذاب مان هنن لاءِ ڪا هلڪائي ڪئي ويندي. اهڙيءَ طرح اسان هرهڪ بي شڪر منڪر کي سزا ڏيندا آهيون.

وَهُمۡ يَصۡطَرِخُوۡنَ فِيۡهَا‌ ۚ رَبَّنَاۤ اَخۡرِجۡنَا نَعۡمَلۡ صَالِحًا غَيۡرَ الَّذِىۡ كُنَّا نَـعۡمَلُ‌ ؕ اَوَلَمۡ نُعَمِّرۡكُمۡ مَّا يَتَذَكَّرُ فِيۡهِ مَنۡ تَذَكَّرَ وَجَآءَكُمُ النَّذِيۡرُ‌ ؕ فَذُوۡقُوۡا فَمَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ نَّصِيۡرٍ ﴿۳۷﴾

(٣٧) ۽ اهي منڪر ان باهه ۾ رڙيون ڪندا (۽ چوندا ته) اي اسان جا پروردگار! اسان کي (هن باهه مان) ٻاهر ڪڍ. اسان (آئنده) نيڪ عمل ڪنداسين. اهي بدعمل نه ڪنداسين جي اڳي ڪندا هئاسين. (الله تعالىٰ فرمائيندو ته) اسان توهان کي ڪافي وڏي عمر نه ڏني هئي ڇا؟ جنهن ۾ (توهان مان) جيڪو نصيحت وٺڻ چاهي ها سو نصيحت وٺي ها (۽ چڱا عمل ڪري ها. بيشڪ اسان اوهان کي وڏي عمر ڏني هئي ته به توهان غافل رهيو) ان کان سواءِ توهان ڏي (اسان وٽان) خبردار ڪندڙ (پيغمبر به) آيو (ته به بي پرواهه رهيؤ) سو هاڻي توهان (پنهنجي بدعملن جو ڦل) چکو. ظالمن (گهنگارن) لاءِ ڪو به مددگار ڪونه هوندو.

رڪوع 5

**ڪافر خدا جي تجويزن کي روڪي يا ناڪامياب ڪري نه سگهندا.**

اِنَّ اللّٰهَ عٰلِمُ غَيۡبِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ‌ ؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿۳۸﴾

(٣٨) يقيناً الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين جي سيني مخفي شين ۽ حقيقتن کان واقف آهي، بلڪ جيڪي (خيال ماڻهن جي) دلين ۾ آهن سي به تمام چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

هُوَ الَّذِىۡ جَعَلَـكُمۡ خَلٰٓـئِفَ فِى الۡاَرۡضِ‌ ؕ فَمَنۡ

(٣٩) اهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين تي خليفو (يا حاڪم) ڪري

كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ؕ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا ۚ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ اِلَّا خَسَارًا ﴿٣٩﴾

رکيو آهي. سو جيڪو (الله جا حڪم نہ مڃيندو تنهن جو نہ مڃڻ ڪيس ئي نقصان پهچائيندو ۽ ڪافرن جو ڪفر سندن پروردگار وٽ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪين نٿو وڌائي، سواءِ ناراضگي ۽ ڌڪار ۾ (يعني هو وڌيڪ ڌڪار جا لائق ٿين ٿا). ۽ ڪافرن کي سندن ڪفر ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ نٿو وڌائي سواءِ خساري ۽ نقصان ۾.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ۚ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ بَلْ اِنْ يَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٤٠﴾

(٤٠) (اي پيغمبر! مشرڪن کي) چئو تہ توهان پنهنجا (سڏيل) اهي شريڪ ڏٺا آهن سهي جن کي توهان الله تعاليٰ کان سواءِ پڪاريندا آهيو؟ مون کي ڏيکاريو تہ سهي تہ هنن زمين مان ڇا خلقيو آهي. يا آسمانن (جي خلقڻ) ۾ هنن جو ڪجهہ حصو آهي ڇا (يعني آسمان ۾ هنن بہ ڪجهہ خلقيو آهي ڇا؟) يا هنن کي اسان ڪو ڪتاب ڏنو آهي ڇا جو هو ان منجهان (سڪيل) ڪو چٽو دليل (پنهنجي شرڪ يا روش لاءِ) ڏيئي سگهن؟ هرگز نہ. حقيقت هيءَ آهي تہ هي ظالمن هڪٻئي کي فقط فريب ۽ دوکي جا واعدا ۽ دلاسا ڏيندا رهيا آهن.

اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا ۚ وَلَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْ بَعْدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا ﴿٤١﴾

(٤١) بيشڪ الله تعاليٰ ئي آسمانن ۽ زمين کي جهليو بيٺو آهي، تہ پنهنجي جاءِ تان هٽي نہ وڃن يا پنهنجي مقرر ڪمن ڪرڻ ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪن. ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي جاءِ يا ڪم کان هٽي وڃن تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هنن کي جهلي نٿو سگهي. بيشڪ هو بردبار ۽ بخشيندڙ آهي.

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرَا ۙ ﴿٤٢﴾

(٤٢) هي (قريش منڪر) الله جي نالي تي وڏا زوردار قسم کڻندا هئا تہ جيڪڏهن اسان وٽ ڪو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) اچي تہ ٻين قومن کان وڌيڪ بهتر (فرمانبرداري ۽) هدايت جي واٽ وٺنداسين، پر جڏهن (سچ پچ) خبردار ڪندڙ (حضور ﷺ) وٽن اچي ويو آهي تڏهن فقط هن ڳالهہ ۾ وڌيڪ ٿيا آهن جي (حق ۽ نيڪي کان) وڌيڪ بيزار ۽ دور ٿيا آهن.

اِسْتِكْبَارًا فِي الْاَرْضِ وَمَكْرَ السَّيِّئِ ؕ وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ ؕ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا ﴿٤٣﴾

(٤٣) اها (سندن بيزاري سندن) تڪبر سببان آهي، جو ملڪ ۾ ڪندا رهن ٿا ۽ سندن بڇڙن منصوبن جي ڪري آهي. پر اهي بڇڙا منصوبا منصوبن ڪندڙن کي ئي وڪوڙي ويندا (۽ خوار خراب ڪندا). پوءِ ڇا هي ماڻهو انهيءَ قانون (جي عمل ۾ اچڻ) لاءِ ترسيا ويٺا آهن جو اڳوڻن (منڪرن) سان لڳايو ويو هو (۽ ڪين تباهہ ڪيو ويو هو)؟ سو (اي اي پيغمبر!) تون الله جي انهيءَ قانون ۽ دستور ۾ ڪابہ ڦيرڦار ڪانہ ڏسندين، نڪي ڏسندين تہ الله جي انهيءَ قانون جي تعميل هٽي ويندي. (يعني اهو قانون ضرور عمل هيٺ ايندو ۽ بنا ڦيرڦار عمل هيٺ ايندو.)

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ

(٤٤) ڇا هي ماڻهو ملڪ ۾ گهمن ڦرن نٿا ۽ ڏسن نٿا تہ ڪائنڻ اڳي ٿي

كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَ كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا ﴿۴۴﴾

گذريل (منڪر قومن) جي پڇاڙي ڪهڙي (نہ خراب) ٿي، اگرچہ اهي هنن کان قوت ۾ طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ هئا. ۽ (ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ) الله اهڙو ناهي جو آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ڪا بہ شيءِ ڪيس عاجز ڪري سگهي (يعني سندس ارادن ۽ تجويزن کي روڪي ناڪامياب ڪري سگهي) يقيناً هو سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ ۽ سڀ ڪا طاقت رکندڙ آهي.

وَ لَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّ لٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا ﴿۴۵﴾

(٤٥) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ ماڻهن کي سندن (بڇڙن) ڪمن ۽ ڪمائي جي ڪري (هڪدم) پڪڙ ڪري ۽ سزا ڏئي تہ پوءِ تہ زمين جي مٿاڇري تي ڪوبہ ساھ وارو (جيئرو) نہ ڇڏي ها. پر هو ڪين مقرر وقت تائين مهلت تو ڏئي. پوءِ جڏهن اهو وقت اچي ٿو وڃي (تڏهن انصاف سان جزا ۽ سزا ڏيئي تو ڇڏي چو) تہ يقيناً الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي (۽ سندن عملن ۽ دليلن کي) چڱيءَ طرح ڏسندڙ آهي.

## سورة ياسين — مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**قرآن جي حڪمت/ ڏاهپ مان ظاهر آهي تہ حضرت محمد  الله جو سچو رسول آهي.**

يٰسٓ ﴿۱﴾

(١) ياسين (اي انسان، اي پيغمبر!)

وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ﴿۲﴾

(٢) هي قرآن جيڪو حڪمت سان ڀريو پيو آهي، سو شاهد آهي (۽ ڏيکاري ٿو تہ)

اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۳﴾

(٣) بيشڪ تون موڪليل يعني پيغمبرن مان هڪڙو پيغمبر آهين.

عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۴﴾

(٤) (۽) سڌي واٽ تي (گامزن) آهين.

تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿۵﴾

(٥) (اهو قرآن) انهيءَ وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏي شان ۽ قدرت وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي.

لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿۶﴾

(٦) (الله تعاليٰ اهو قرآن جو نازل ڪيو آهي سو) هن لاءِ تہ تون انهن (عرب جي) ماڻهن کي خبردار ڪرين جن جا ابا ڏاڏا خبردار ڪونہ ڪيا ويا هئا، سو اهي (حقيقتن کان) غافل آهن.

لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۷﴾

(٧) انهن مان گهڻن جي باري ۾ اهو قول سچو ثابت ٿيو آهي، (تہ خود غرض ۽ تڪبر ۽ ضد ڪندڙ ماڻهو حق جي ڳالھ ٻڌندائي ڪين) سو اهي ماڻهو ڪڏهن بہ ايمان ڪونہ آڻيندا.

اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى

(٨) بيشڪ اسان (سندن ضد سببان) سندن ڳچين ۾ ڳٽ وجهي ڇڏيا

الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ﴿٨﴾

آهن، جي سندن ڪاڏين تائين پهتل آهن. تنهن ڪري هنن جا مٿا مٿي تي پيا آهن.

وَجَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٩﴾

(٩) ۽ اسان هنن جي اڳيان به هڪ ديوار کڙي ڪري ڇڏي آهي ۽ سندن پٺيان به هڪ ديوار کڙي ڪري ڇڏي آهي، (جنهن ڪري هو اڳتي يا پٺتي وڃي نٿا سگهن) ان ڪان سواءِ اسان هنن تي پردو وجهي ڍڪي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري هو ڪجھ به ڏسي نٿا سگهن.

وَسَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾

(١٠) تون هنن کي خبردار ڪرين يا نه ڪرين هنن لاءِ ساڳي ڳالھ آهي ته هو ڪڏهن به ايمان ڪونه آڻيندا.

اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَخَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّاَجْرٍ كَرِيْمٍ ﴿١١﴾

(١١) تون فقط انهن کي خبردار ڪري ٿو سگهين جيڪي نصيحت تي هلڻ وارا آهن ۽ جيڪي اڻ ڏٺي رحمان خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄڻ وارا آهن. سو هنن کي بخشش جي ۽ وڏي شاندار اجر جي بشارت پهچاءِ.

اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَنَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا وَاٰثَارَهُمْ ۗ وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ فِيْٓ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٢﴾

(١٢) يقيناً اسان مئلن کي جيئرو ڪنداسين، جيڪي (عمل) هو اڳتي موڪلين ٿا ۽ جيڪي اثر هو پٺتي ڇڏين ٿا سي سڀ لکندا وڃون ٿا ۽ سڀ ڳالهيون اسان هڪ چٽي ڪتاب ۾ شمار ۾ آنديون آهن.

## رڪوع 2

**هڪڙي شهر ڏي الله تعالىٰ رسول موڪليا، هنن نه مڃيو ته هو تباھ ڪيا ويا.**

وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ ۘ اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿١٣﴾

(١٣) (اي پيغمبر!) هنن (قريشن جي سمجهائڻ) لاءِ هڪڙي شهر جي ماڻهن جو مثال بيان ڪر، ڏسو اسان هنن ڏي رسول موڪليا.

اِذْ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْٓا اِنَّآ اِلَيْكُمْ مُّرْسَلُوْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) جڏهن اسان انهن ڏي پهريائين ٻه رسول موڪليا تڏهن هنن کين ڪوڙو ٺهرايو ۽ نه مڃيو. پوءِ اسان ٽئين رسول سان سندن تائيد ڪئي. ٽنهي کين چيو ته، يقيناً اسان اوهان ڏي پيغمبر مڪري موڪليا ويا آهيون.

قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ وَمَآ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ مِنْ شَيْءٍ ۙ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) هنن ماڻهن چيو ته، توهان ڪجھ به نه آهيو، سواءِ هن جي ته اسان جهڙا انسان آهيو، ۽ (اسان کي پڪ آهي ته) رحمان خدا ڪڏهن به (ڪو وحي) نازل نه ڪيو آهي. توهان نسورو ڪوڙ ٿا ڳالهايو.

قَالُوْا رَبُّنَا يَعْلَمُ اِنَّآ اِلَيْكُمْ لَمُرْسَلُوْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) هنن (پيغمبرن هنن کي) چيو ته، اسان جو پروردگار ٿو ڄاڻي ته بيشڪ اسان توهان ڏي پيغمبر ڪري موڪليا ويا آهيون.

وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٧﴾

(١٧) اسان جي ذمي ته ٻيو ڪجھ به ناهي، سواءِ هن جي ته چٽو پيغام پهچائي ڏيون، (اسان جو ته ڪو ٻيو غرض ئي ڪونهي، نڪي توهان تي ڪو زور زبردستي ٿا ڪيون.)

قَالُوْٓا اِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ ۚ لَىِٕنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا
لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَ لَيَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ﴿١٨﴾

(١٨) هنن چيو تہ يقيناً اسان توهان کي نياڳا ۽ منحوس ٿا سمجهون (اوهان جي ڪري اسان تي مصيبتون نازل ٿينديون) جيڪڏهن توهان هن (تبليغ) کان باز نہ ايندؤ تہ اسان توهان کي پٿر هڻنداسين ۽ اسان توهان کي سخت دردناڪ سزا ڏينداسين.

قَالُوْا طَآىِٕرُكُمْ مَّعَكُمْ ؕ اَىِٕنْ ذُكِّرْتُمْ ؕ بَلْ
اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) هنن (پيغمبرن) جواب ڏنو تہ توهان جو نياڳ (خود) اوهان ۾ آهي (جو غور ڪرڻ کان سواءِ ئي حق کي مڃڻ کان انڪار ٿا ڪيو) ڇا (اهڙا نادان آهيو جو) جيڪڏهن اوهان کي (اوهان جي ئي چڱائي لاءِ) چڱي نصيحت ڏني ٿي وڃي (تہ ان کي نياڳ ٿا سمجهو؟) حقيقت هيءَ آهي تہ توهان (خود غرضي ۽ تڪبر جي ڪري) ليڪو لنگهي بيٺا آهيو.

وَ جَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ يَّسْعٰى قَالَ
يٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) پوءِ شهر جي دور واري ڇيڙي کان هڪڙو (جوشيلو) جوان ڊڪندو آيو ۽ اچي چيائين تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! هنن پيغمبرن جي فرمانبرداري ڪريو.

اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا يَسْـَٔلُكُمْ اَجْرًا وَّ هُمْ
مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) انهن جي (ضرور) فرمانبرداري ڪيو جي اوهان کان ڪوبہ اجر يا اجورو ڪونہ ٿا گهرن ۽ آهن بہ سڌي ۽ حقي واٽ تي هلندڙ.